# تضاد بابت

## مائوزي تونگ

سنڌيڪار: رشيد ڀٽي

(On Contradiction)

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

# سٽاءُ

★


| | | |
|---|---|---|
| * | شروعات | 03 |
| 1 | ٻہ عالمي نظريا | 04 |
| 2 | تضاد جي آفاقيت يا ڪليت | 10 |
| 3 | تضاد جي خصوصيت يا نيارپ | 15 |
| 4 | مکيہ تضاد ۽ تضاد جو مکيہ پهلو | 29 |
| 5 | تضاد جي پهلوئن ۾ ڇڪتاڻ ۽ هڪجهڙائي | 37 |
| 6 | تضاد ۾ وروڌ يا خصومت جو مقام | 45 |
| * | نتيجي طور | 48 |
| * | حوالا ۽ اشارا | 50 |


هي مضمون ڪامريڊ مائوزي تونگ پنهنجي جڳ مشهور مضمون ”عمل بابت“ (On Practice) کان پوءِ آگسٽ 1937 ع ۾ لکيو. هيءُ مضمون اصل ۾ يينان جي جپان مخالف فوجي ۽ سياسي ڪاليج ۾ ڏنل ليڪچرن تان ورتل آهي، جن کي بعد ۾ ليکڪ ”گڏيل لکيتن“ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ورائي لکيو.

★

# شروعات

شين ۾ تضاد جو قانون، يعني: ضدن ۾ ايڪي جو قانون، مادي جدليات جو بنيادي قانون آهي. لينن چئي ٿو: ”صحيح معنیٰ ۾ جدليات ان تضاد جو اڀياس آهي جو شين يا وستن جي روح يا ست ۾ رهي ٿو“ [1]. لينن اڪثر ان قانون کي جدليات جو روح يا ست ڪوٺيو آهي. هن ان کي جدليات جو مغز يا جوهر بہ سڏيو آهي. [2]. ان ڪري هن قانون جي اڀياس مهل اسان کي ڀانت ڀانت جي سوالن کي حل ڪرڻو پوي ٿو، ۽ فلسفي جي انيڪ مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جي اسان انهن مڙني مسئلن تي صاف ۽ واضح ٿي وياسين، تہ اسان مادي جدليات جي بنيادي سمجهہ ۽ ساڃهہ کي رسي ويندا سين. اهي مسئلا آهن: بہ عالمي نظريا، تضاد جي آفاقيت يا ڪليت، تضاد جي خصوصيت يا نيارپ، مکيہ تضاد ۽ تضاد جو مکيہ پهلو، تضاد جي ڌار ڌار پهلوئن ۾ هڪجهڙائي ۽ ڇڪتاڻ، ۽ تضاد ۾ خصومت يا ورو‌ڌ جي جڳهہ يا حيثيت يا مقام.

ويجهڙائي وارن سالن ۾، سوويت فيلسوفي حلقن طرفان، ڊيبورن واري فڪر واري مڪتب جي آدرشيت يا تصوريت تي جا تنقيد ڪئي وئي آهي، تنهن اسان ۾ چاهہ ۽ اتساهہ پيدا ڪيو آهي. ڊيبورن واري تصوريت يا آدرشپٽي چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ تي خراب اثر وڌو آهي. اهو نٿو چئي سگهجي تہ اسان جي پارٽيءَ ۾ آيل عقيدي پرستيءَ واري سوچ جو ڪو اُن مڪتب خيال سان لڳ لاڳاپو نہ آهي. اسان جي هن فلسفي جي موجوده مطالعي جو مکيہ مقصد اهو هئڻ گهرجي تہ عقيدي پرستيءَ واري سوچ جي پاڙ پٽي وجي.

★

# (1)

# ٻہ عالمي نظريا

## (The Two World Out Looks)

انساني ڄاڻ جي تاريخ دوران، ڪائنات جي اوسر ۽ ترقيءَ جي قانون بابت، ٻہ خيال يا ويچار پيئي رهيا آهن. مابعدالطبعياتي (Metaphysical) نظريو ۽ جدلياتي (Dialectical) نظريو. اهي ٻہ ويچار ئي ٻن مخالف عالمي نظرين جي جوڙ ڪن ٿا. لينن چيو آهي: ”اوسر يا واڌ (ارتقا) بابت ٻہ بنيادي (يا ٻہ ممڪن؟ يا تاريخي لحاظ سان ٻہ مشاهدي جوڳا؟) ويچار يا نظريا آهن: اوسر گهٽ وڌائي ڪري يا ورجاڻ ڪري ٿئي ٿي، ۽ اوسر ضدن جي ايڪي يا اتفاق ڪري ٿئي ٿي. (ڪنهن وحدت يا ايڪي جو باهمي الڳ ضدن ۾ ونڊجڻ يا ورهائجڻ ۽ انهن جو هڪٻئي سان لڳ لاڳاپو)“ [3]

هتي لينن جي مراد اهي ٻہ ڌار ڌار عالمي نظريا آهن.

چين ۾ مابعدالطبعيات جو ٻيو نالو ”شوان شئي“ آهي. چين توڙي يورپ ۾، تاريخ جي ڊگهي عرصي دوران، اهو سوچ جو طريقو ئي، انساني سوچ ۽ ويچار تي ڀاري رهيو، جو عالمي آدرشي يا تصوراتي نظريي جو حصو ۽ جزو آهي. يورپ ۾ بورجوازين جي ماديت ٻہ، پنهنجي اوائلي ڏينهن ۾، مابعدالطبعياتي هئي. جيئن ۽ جڏهن، گهڻن ئي يورپي ملڪن جي سماجي اقتصاديات وڌي انتهائي ترقي ڪيل سرمائيداريءَ جي حد کي رسي، جيئن ئي جڏهن پيداواري قوتون، طبقاتي چڪتاڻ ۽ سائنسي علم اوسر جي اهڙي حد تي رسيا، جنهن جو تاريخ ۾ اڳ مثال نہ ٿو ملي، ۽ جيئن ۽ جڏهن صنعتي پرولتاري (پورهيت) تاريخي اوسر ۾ وڏي محرڪ سگهہ ٻڻجي اٿيو: تيئن ۽ تڏهن، مادي جدليات جو مارڪسي نظريو وجود ۾ آيو. تڏهن ئي بورجوا طبقي اندر، مادي جدليات جي مخالفت ۽ وروڌ ۾، اگهاڙي رجعت

پرستيءَ واري تصوريت ۽ آدرش پٽي سان گڏوگڏ جٽڪي (Vulgar) ۽ ڪين جهڙي ارتقائيت بہ پيدا ٿي.

مابعدالطبعياتي يا جٽڪي ارتقائيت وارو عالمي نظريو شين کي الڳ ٿلڳ، ساڪت يا بينل ۽ هڪطرفو ڏسي ٿو. اهو ڪائنات جي مڙني شين کي، سندن صورتن ۽ هيئت کي، ۽ سندن جنسن ۽ قسمن کي، ازل کان وٺي هڪبئي کان الڳ سلڳ ۽ اڻ بدلجندڙ سمجهي ٿو. جي ڪڏهن منجهن ڪا تبديلي ٿي بہ ٿِي تہ اها سندن مقدار (Quantity) ۾ گهٽتائي يا واڌ ڪري، يا جڳهہ ۽ مڪان جي مٽا سٽا ڪري ٿي سگهي ٿي. وڌيڪ اهو بہ تہ ان گهٽ وڌائي يا مٽا سٽا جو ڪارڻ خود انهن شين جي وجود ۾ نٿو ٿئي، پر انهن کان ٻاهر آهي: يعني محرڪ يا چوريندڙ سگهہ ٻاهرين يا خارجي آهي. مابعدالطبعياتين جو چوڻ آهي تہ ڪائنات جون سڀ شيون ۽ سندن سڀ خصوصيتون، سندن وجود ۾ اچڻ کان وٺي اڄ تائين ساڳيون آهن. انهن ۾ بعد ۾ آيل سڀ تبديليون ۽ ڦيريون ڦاريون رڳو سندن مقدار ۾ گهٽ وڌائي سبب ٿين ٿيون. اهي دليل ڏين ٿا تہ ڪابہ شيءِ پنهنجي پاڻ کي، پنهنجي ساڳي ئي قسم جي شيءِ ۾ تہ ورجائي يا مٽائي سگهي ٿي، پر ڪنهن ٻي مختلف يا نئين شيءِ ۾ بدلجي نٿي سگهي. هنن جي راءِ ۾ سرمائيداري پرماريت يا استحصال، سرمائيداراڻي چٽاپيٽي، سرمائيداري سماج وارو انفراديت پرستيءَ وارو نظريو، ۽ اهڙي قسم جون ٻيون ڳالهيون، پراڻي ٻانهپ واري سماج، توڙي ٻي اوائلي سماج ۾ ملي سگهن ٿيون، ۽ اهي سدائين بنا ڪنهن تبديليءَ يا مٽ سٽ جي قائم رهنديون. هو سماجي اوسر يا ارتقاءَ جو ڪارڻ اهڙن سببن کي يا عنصرن کي ڄاڻائن ٿا جي سماج لاءِ ٻاهريان يا خارجي آهن، جهڙوڪ جاگرافي يا آبهوا وغيره. هو ڪنهن بہ شيءِ ۾ سندس اوسر جو سبب سادگيءَ سان ان شيءِ کان ٻاهر ڳولين ٿا، ۽ مادي جدلياتي نظريي کان انڪار ڪن ٿا، جو چئي ٿو تہ: ڪنهن بہ شيءِ ۾ اوسر يا واڌ ان جي اندرين تضادن مان پيدا ٿئي ٿي. نتيجو اهو ٿو نڪري جو نہ ئي هو شين جو وصفي (Qualitative) فرق سمجهائي سگهن ٿا، ۽ نہ ئي هڪ وصف جو ٻي وصف ۾ مَتجڻ يا بدلجڻ جو لقاءُ سمجهائي سگهن ٿا. يورپ ۾ اهو سوچ جو طريقو 17 ۽ 18 صديءَ دوران، مشينيماديت جي صورت ۾، ۽ 19 صدي جي پڇاڙيءَ ۽ 20 صديءَ جي اڳياڙيءَ ۾، جٽڪي ارتقائيت جي صورت ۾، مروج رهيو. چين ۾ بہ مابعدالطبعياتي سوچ رهي پئي، جنهن جو مثال هن چوڻيءَ مان ملي ٿو تہ، ”جيئن آسمان نٿو بدلجي، تيئن تاؤ بہ نٿو بدلجي“ [4]. ان کي ڏگهي

عرصي تائين ڍهنڊڙ جاگيرداري حاڪم طبقي جي پنيرائي رهي. مشينيماديت ۽ جٽڪي ارتقائيت اسان وٽ، گذريل سؤ سالن ۾، يورپ مان درآمد ڪيا ويا آهن، ۽ انهن جي پنيرائي بورجوا طبقو ڪري رهيو آهي.

مابعدالطبعياتي عالمي نظريي جي ابتڙ مادي جدليات جو عالمي نظريو چوي ٿو ته ڪنهن به شيءِ جي اوسر يا واڌ کي سمجهڻ لاءِ اسان کي اُن جو اندروني طور اڀياس ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين شين سان ان جي لاڳاپن کي آڌو رکي ڏسڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ ڪٽي چئجي ته شين جي اوسر يا واڌ کي انهن جي اندروني ۽ پاڻ هرتي چرپر يا حرڪت ڪري ڏسڻ گهرجي، جڏهن ته هر شيءِ پنهنجي حرڪت يا چرپر ۾، پنهنجي آسپاس يا چوگرد شين سان ٻه طرفي لاڳاپي ۾ هوندي آهي ۽ انهن تي اثر وجهندي آهي ۽ سندن اثر قبول ڪندي آهي. ڪنهن به شيءِ جي واڌ يا اوسر جو بنيادي سبب خارجي يا ٻاهريون نه پر داخلي ۽ اندريون هوندو آهي؛ ۽ اهو شيءِ جي اندروني تضادي حالت ۾ سمايل هوندو آهي. هر شيءِ ۾ اندروني تضاد هوندو آهي، جنهن جي ڪري ئي ان ۾ چرپر يا حرڪت ۽ اوسر يا واڌ ٿئي ٿي. شيءِ ۾ اندروني تضاد واري حالت اوسر جو بنيادي سبب آهي؛ ٻين شين سان ان جو ٻه طرفو لاڳاپو يا ردعمل اوسر جو ثانوي سبب آهن. اهڙي طرح مادي جدليات خارجي يا ٻاهرين سببن، يا ٻاهرين چورينڊڙ يا محرڪ سگهه واري ان نظريي جو اثرائتي نموني رد ڪد ڪري ٿي، جو مابعدالطبعياتي مشيني ماديت ۽ عام رواجي يا جٽڪي ارتقائيت پيش ڪيو هو. اهو طي شده امر آهي ته چٽو ٻاهريان سبب ئي مشيني حرڪت يا چرپر پيدا ڪري سگهن ٿا، يعني رڳو ماپ، وزن ۽ مقدار وغيره ۾ تبديلي آڻي سگهن ٿا، پر اها وضاحت نٿا ڪري سگهن ته شيون وصف ۽ خوبين جي لحاظ کان هڪٻئي کان مختلف ڇو هونديون آهن (هزارين قسمن ۾) ۽ ته ڇو هڪ شيءِ وصف مٽائي ٻي شيءِ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. حقيقت ۾ ٻاهرين سگهه سان پيدا ٿيندڙ مشيني چرپر يا حرڪت به شين جي اندروني تضادي حالتن سبب پيدا ٿيندي آهي. ٻوٽن ۽ ساهه وارن اندر عام واڌ ۽ اوسر، سندن تعدادي يا مقداري واڌ، مکيه طرح سندن اندروني تضادن جو نتيجو هوندي آهي. اهڙيءَ ريت سماجي اوسر يا ترقي به خاص ڪري، ٻاهرين نه پر اندرين، سببن ڪري ٿيندي آهي. ڪيترا ئي جاگرافيائي ۽ آبهوائي هڪجهڙائيءَ وارا ملڪ پنهنجي اوسر ۽ ترقيءَ ۾ وڏي غيربرابري ۽ ويڇي جو مظاهرو ڪندا آهن. ان کان سواءِ ڪنهن هڪ ملڪ ۾ ئي، سندس جاگرافيائي ۽ آبهوائي حالتن ۾ تبديلي آڻڻ ڌاران، وڏيون سماجي تبديليون

رونما ٿي سگهن ٿيون. سامراجي روس، سوشلسٽ سوويت يونين ۾ تبديل ٿي ويو، ۽ جاگيرداري جپان، جنهن پنهنجا دروازا دنيا لاءِ بندي رکيا هئا، سامراجي جپان ۾ تبديل ٿي ويو، حالانڪ انهن مان ڪنهن به ملڪ جي جاگرافي يا موسم ۾ ڪا مَٽ سَٽ ڪانہ ٿي.

گهڻي وقت کان جاگيرداري غلبي هيٺ رهيل چين، گذريل صدين کان، وڏين تبديلين مان گذريو آهي، ۽ هينئر نئين چين، يعني آزاد ۽ خودمختيار چين ۾ تبديل ٿي رهيو آهي، پر ان هوندي بہ سندس جاگرافي يا موسم ۾ ڪا مٽ سٽ نہ ٿي آهي. سڄي دنيا ۾، ۽ ڌرتيءَ جي هرهڪ حصي ۾، جاگرافي ۽ آبهوا جون تبديليون ٿينديون رهنديون آهن. پر جڏهن انهن تبديلين کي سماجي تبديلين سان ڀيٽجي ٿو تہ اُهي اڻ لکيون ۽ غيراهم لڳن ٿيون. جاگرافيءَ ۽ آبهوا ۾ تبديليون لکين ۽ هزارين سالن ۾ رونما ۽ پڌريون ٿين ٿيون، پر سماجي تبديليون هزار، سون يا ٿيهن چاليهن سالن ۾ ظاهر ٿي پون ٿيون؛ ۽ انقلاب جي عمل ۾ تہ اهي چند سالن ۽ مهينن اندر رونما ٿين ٿيون. مادي جدليات پٽاندر فطرت (Nature) ۾ تبديلي مکيہ طور فطرت جي اندروني تضادن جي اوسر سبب ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت سماج ۾ تبديلي مکيہ طرح سماج ۾ اندروني يا داخلي تضادن ۾ اوسر سبب پيدا ٿئي ٿي، يعني، پيداواري قوتن ۽ پيداواري لاڳاپن ۾ تضاد، طبقن درميان تضاد، نئين ۽ پراڻي وچ ۾ تضاد، وغيره وغيره. انهن تضادن جي اوسر ۽ واڌائي سماج کي اڳتي ڌڪي ٿي ۽ پراڻي سماج جي جاءِ تي نئين سماج اَٽڻ جي عمل کي تيزي ڏئي ٿي. ڇا مادي جدليات ٻاهرين يا خارجي سببن کي ليکي ۾ نٿي آڻي؟ هرگز نہ! ان جي نظر ۾ خارجي سبب تبديليءَ لاءِ گهربل شرط هوندا آهن ۽ داخلي، اندريان سبب تبديل جو بنياد هوندا آهن، ۽ تہ خارجي ڪارڻ داخلي ڪارڻن وسيلي ئي عمل ڪن ٿا. ڪنهن مناسب حرارت سان آنو چوزي ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو، پر حرارت جو ڪيترو بہ درجو ڪنهن پٿر کي چوزي ۾ تبديل نٿو ڪري سگهي. ڇو تہ ٻنهي جا بنياد ڌار ڌار آهن. ڌار ڌار ملڪن جا عوام لاڳيتو هڪٻئي تي عمل ۽ اثر ڪندا رهن ٿا. سرمائيداري دور ۾، ۽ خاص ڪري سامراجي ۽ پرولتاري انقلاب جي دور ۾، ڌار ڌار ملڪن جو، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي ميدانن ۾، هڪٻئي کان متاثر ٿيڻ ۽ باهمي عمل تمام گهڻو ٿي ٿو وڃي. آڪٽوبر وارو سوشلسٽ انقلاب روس توڙي دنيا جي تاريخ ۾ هڪ نئين عهد ۽ يگ جي شروعات ٿي آيو. ان دنيا جي ٻين ملڪن جي اندروني تبديلين تي بہ اثر وڌو، ۽ خاص ڪري ساڳيءَ طرح، چين

۾ اندرين تبديلين تي بہ. بهرحال اهي تبديليون انهن ملڪن ۾، چين سميت، سندن اوسر ۽ واڌ جي اندروني نيمن يا قانونن سبب ئي پيدا ٿيون آهن. جنگ ۾ هڪ فوج سوڀاري ٿئي ٿي ۽ ٻي هارائي ٿي. هار ۽ جيت، ٻئي اندروني ڪارڻن سبب نبيرجن ٿيون. هڪ ان ڪري سوڀاري ٿئي ٿي جو اها سگهاري آهي، يا ان ڪري تہ ان جي اڳواڻي لائق ۽ ماهر جنرل ڪن ٿا. ٻي ان ڪري مات ٿئي ٿي جو اها هيٺي آهي، يا ان ڪري جو ان جي فوجي اڳواڻي نالائق ۽ نااهل هوندي آهي. اُهي اندريان يا داخلي ڪارڻ ئي آهن جن جي وسيلي ٻاهريان يا خارجي سبب ۽ ڪارڻ عمل ۾ اچن ٿا. چين ۾ 1927ع ۾ پرولتاري طبقي جا بورجوا طبقي هٿان هار کاڌي، ان جو سبب اها موقعي پرستي هئي جا اُن مهل خود چين جي پرولتاري طبقي اندر (يعني چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اندر) موجود هئي. جڏهن اسان ان موقعي پرستيءَ جي پاڙ پٽي ڇڏي تہ، چيني انقلاب وري اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. اڳتي هلي چيني انقلاب کي وري هڪ دفعو دشمن هٿان مات تي پنتي هٽڻو پيو، ڇاڪاڻ تہ اسان جي پارٽيءَ اندر مهم جوئي ۽ جوکم بازي جاءِ وٺڻ شروع ڪيو هو. جڏهن اسان ان مهم جوئي جو ليکو لاٿو تہ مقصد وري اڳتي وکون وڌايون. ان ڪري اسان ڏنوسين تہ انقلاب کي سوڀاري ڪرڻ ۽ ڪناري لائڻ لاءِ، سياسي پارٽيءَ کي، پنهنجي سياسي راهہ عمل جي سنائي ۽ سيبتائيءَ ۽ پنهنجي تنظيم جي پختگيءَ تي ڀاڙڻ گهرجي.

جدلياتي عالمي نظريو، پراچين سمي ۾، چين ۾ بہ اڀريو هو تہ يورپ ۾ بہ. پر اُها پراڻي ۽ قديم جدليات خصلتن جي لحاظ کان پاڻ وهيٺي ۽ ٻالي پولي هئي؛ ان دور جي هالوچالو سياسي ۽ تاريخي حالتن هيٺ، اها اجا هڪ نظريي يا سرشتي جي روپ ڌارڻ جوڳي نہ ٿي هئي؛ ان ڪري اها دنيا جي پوري وضاحت ۽ سمجهاڻي نہ ڏئي سگهي، ۽ سندس جڳهہ مابعدالطبعيات والاري ورتي. مشهور جرمن فيلسوف هيگل، جو ارڙهين صديءَ جي پڇاڙي ۽ اڻويهين صديءَ جي اڳياڙي ۾ رهيو، جدليات ۾ نهايت ئي اهم اضافو ۽ واڌارو ڪيو. پر هن جي جدليات آدرشيت يا تصوريت پرستيءَ واري (Idealist) هئي. انساني ڄاڻ جي تاريخ ۾ اڳ اڻ ڏٺو ۽ اڻ ٻڌو انقلاب تڏهن آيو، جڏهن پرولتاري تحريڪ جي عظيم رهنمائن مارڪس ۽ اينگلس، انساني ڄاڻ جي يقيني حاصلات ۽ ميڙي چوندي جي ترڪيب ۽ چنڊڇاڻ ڪري، ۽ خاص ڪري هيگل جي جدليات جي عقلي جزن ۽ عنصرن کي تنقيدي طرح جذب ڪري، جدلياتيماديت ۽ تاريخي ماديت جو عظيم نظريو تخليق ڪيو ۽

پيش ڪيو. لينن ۽ اسٽالن ان نظريي کي اڳتي وڌايو ۽ ترقي وٺرائي. ان نظريي چين ۾ پهچندي ئي چين جي سوچ ۽ فڪر جي دنيا ۾ زبردست تبديليون آنديون.

اهو عالمي جدلياتي نظريو پهريندي ئي اسان کي اهو سيکاري ٿو تہ ڌار ڌار شين ۾ ضدن جي چرپر ۽ حرڪت جو ڪيئن مشاهدو ۽ تجزيو ڪيو وڃي؛ ۽ کهڙي ريت، ان مشاهدي ۽ ڇنڊڇاڻ جي بنياد تي، تضادن جي حل جي طريقن لاءِ نشاندهي ڪجي. ان ڪري اهو تمام ضروري ٿيو پوي تہ شين ۾ تضاد جي قانون يا نيم کي چڱيءَ ۽ نيڪ طرح سمجهون.

★

(2)

# تضاد جي آفاقيت يا ڪليت

## (The Universality of Contradiction)

سمجهاڻيءَ جي سهوليت ۽ سولائي خاطر مان پهريائين تضاد جي آفاقيت يا ڪُليت جي ڳالهه ڪندس، ۽ پوءِ تضاد جي نيارپ يا خصوصيت تي روشني وجهندس. اهو ان ڪري جو تضاد جي آفاقيت ڪي ٿوري ۾ سمجهائي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ تضاد جي آفاقيت تڏهن کان ئي وڏي پيماني تي تسليم ڪئي وئي آهي، جڏهن کان مارڪسزم جي عظيم خالقن ۽ وڌائيندڙن، مارڪس، اينگلس، لينن ۽ اسٽالين، مادي جدلياتي عالمي نظريو تخليق ڪيو يا ڳولي لڌو، ۽ انساني تاريخ ۽ فطرت جي تاريخ جي ڪيترن ئي پهلوئن جي تجزيي يا ڇنڊڇاڻ ڪرڻ، ۽ سماج ۽ فطرت جي گهڻن ئي پهلوئن کي تبديل ڪرڻ ۾ (جهڙوڪ سوويت يونين ۾) مادي جدليات جي لاڳاپي ۽ واسطي کي ڪاميابيءَ سان ثابت ڪري ڏيکاريو. جڏهن تہ تضاد جي نيارپ يا خصوصيت (Particularity) کي گهڻن ئي ڪامريڊن، خاص ڪري عقيدي پرستن، اڃا چڱيءَ ريت نہ سمجهيو آهي. هو نٿا سمجهن تہ اها تضاد جي نيارپ يا خصوصيت ئي آهي جنهن ۾ تضاد جي آفاقيت لڪل آهي. نہ ئي هو اهو سمجهن ٿا تہ انقلابي عمل جي سونهائپ لاءِ، انهن نوس شين جي اندر تضاد جي خصوصيت جو اڀياس ڪيترو نہ اهم آهي، جن سان اسان جو واسطو پوي ٿو. ان ڪري ضروري آهي تہ تضاد جي خصوصيت جي اڀياس تي زور ڏنو وڃي، ۽ ڪافي اپٽار سان ان جي وضاحت ڪئي وڃي. ان ڪري شين ۾ تضاد جي قانون جي تجزيي دوران، اسان پهريائين تضاد جي آفاقيت يا ڪليت جي ڇنڊڇاڻ ڪنداسين، پوءِ تضاد جي نيارپ يا خصوصيت جي تجزيي تي توجهه ڏينداسين، ۽ پڇاڙيءَ ۾ وري تضاد جي آفاقيت طرف رجوع ٿينداسين.

تضاد جي آفاقيت يا مطلقيت يا ڪليت جون ٻہ معنائون ۽ مرادون آهن. هڪ اها تہ سڀني شين جي اوسر يا واڌ ۾ تضاد موجود هوندو آهي، ۽ ٻيو تہ هرهڪ شيءِ جي اوسر يا واڌ جي عمل دوران، ضدن جي چرپر يا حرڪت، منڍ کان پڇاڙيءَ تائين موجود رهي ٿي.

اينگلس چوي ٿو: ”چرپر يا حرڪت پنهنجي سر خود هڪ تضاد آهي.“ [5] لينن ضدن جي قانون جي وصف هيئن ٿو ڪري، ”فطرت (جنهن ۾ ذهن ۽ سماج بہ اچي ويو) جي سڀني لقائن ۽ عملن ۾ متضاد، هڪٻئي کان الڳ، مخالف لاڙن يا رجحانن جي سڃاڻپ يا کوجنا“. [6] ڇا اهي ويچار درست آهن؟ هائو، ائين آهي. سڀني شين ۾ موجود متضاد پهلوئن جو هڪٻئي تي ڀاڙڻ يا آڌاري ٿيڻ، ۽ انهن پهلن ۾ ڇڪتاڻ ۽ ڪشمڪش ئي سڀني شين جي جياپي جو نبيرو ڪري ٿي، ۽ انهن جي ترقي ۽ اوسر کي اڳتي ڌڪي ٿي. ڪابہ شيءِ اهڙي نہ آهي جنهن ۾ تضاد موجود نہ هجي. تضاد ڌاران ڪابہ شيءِ وجود نٿي رکي سگهي.

حرڪت يا چرپر جي سادي ۾ سادي شڪل (جهڙوڪ مشيني چرپر) جو بنياد بہ تضاد آهي، ۽ چرپر جا منجهيل روپ تہ تهان وڌيڪ ان تي (تضاد تي) مدار رکن ٿا.

اينگلس تضاد جي آفاقيت يا ڪليت هيئن سمجهائي آهي: ”جيڪڏهن جڳهہ جي سادي مشيني تبديليءَ ۾ بہ تضاد سمايل آهي، تہ اها ڳالهہ، مادي جي چرپر جي وڏين صورتن ۾، ۽ خاص ڪري عضواتي زندگي ۽ ان جي اوسر جي سلسلي ۾، اجا بہ وڌيڪ سچي آهي . . . زندگي بنيادي طور ۽ ٿوري ۾ هيئن بيان ڪري سگهجي ٿي تہ، هر ساهدار يا جيوُ هر گهڙيءَ ۽ پل ۾ پنهنجو پاڻ بہ آهي ۽ اجا ڪجهہ ٻيو بہ. ان ڪري زندگي پڻ هڪ تضاد آهي، جو خود شين ۽ عملن ۾ موجود آهي، ۽ لڳاتار پاڻ کي پيدا ڪندو ۽ حل ڪندو رهي ٿو؛ ۽ جيئن ئي اهو تضاد ختم يا پورو ٿئي ٿو تہ زندگي بہ ختم ٿي وڃي ٿي ۽ موت اچي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح اسان ڏٺو آهي تہ سوچ ۽ فڪر جي ميدان ۾ بہ اسان تضادن کان جان نٿا ڇڏائي سگهون، ۽ تہ مثال طور ماڻهوءَ جي علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي پيدائشي لامحدود لياقت يا گنجائش، ۽ ان (لياقت) جو رڳو اهڙن ماڻهن ۾ موجود هجڻ، جي خارجي طرح محدود آهن ۽ محدود ڄاڻ رکن ٿا، جي وچ ۾ هلندڙ تضاد جو حل نسلن جي اڻ ڪٽ (گهٽ ۾ اسان لاءِ عملي طرح اڻ ڪٽ) سلسلي ۽ اجهل ترقيءَ جي صورت ۾ ٿئي ٿو . . . اعليٰ ۽ اتم رياضي جي بنيادي اصولن مان هڪ اصول تضاد آهي، تہ

ڪن حالتن ۾ سڌيون ليڪون ۽ گولايون ساڳيون ٿي سگھن ٿيون . . . پر گھٽ درجي جو رياضي جو علم بہ تضادن سان سَٽيو پيو آهي.“ [7]

لينن تضاد جي آفاقيت يا ڪليت جا مثال هيٺينءَ ريت ڏنا آهن:

رياضيءَ ۾: + ۽ -- فرقي (فرق وارا) ۽ سالم (سالميت وارا).

مشيني علم ۾: عمل ۽ ردعمل.

طبعيات ۾: مثبت (Positive) ۽ منفي (Negative) بجلي.

ڪيميا ۾: ائٽمن جو پاڻ ۾ ملڻ ۽ هڪٻئي کان ڌار ٿيڻ.

سماجي علم ۾: طبقاتي ڪشمڪش. [8]

جنگ ۾ ڪاهہ ۽ بچاءُ، اڳرائي ۽ پنتي هٽڻ، سوڀ ۽ هار، سڀ ٻطرفا متضاد لقاوَ آهن. هڪ سواءِ ٻيو وجود نٿو رکي. ٻئي پهلو هڪ ئي وقت ٽڪر ۾ بہ هوندا آهن، تہ هڪٻئي تي آڌاري ۽ ياڙيندڙ بہ؛ اها ئي جنگ پورڙتا آهي، اها ئي شيءِ جنگ کي وڌائي اڳتي ڪري ٿي ۽ ان جو حل پيش ڪري ٿي.

ماڻهوءَ جي نظريي ۾ هر فرق يا اختلاف کي معروضي تضاد جو عڪس يا اولڙو سمجھڻ گھرجي. معروضي تضاد موضوعي سوچ يا فڪر تي عڪس وجھن ٿا، ۽ اهو عمل نظرين جي متضاد چرپر ۽ تحرڪ پيدا ڪري ٿو، فڪر جي اوسر کي اڳتي وڌائي ٿو، ۽ ماڻهوءَ جي خيال ۽ سوچ جي مسئلن کي لڳاتار حل ڪندو رهي ٿو.

پارٽي اندر ڌار ڌار خيالن جي وچ ۾ مخالفت ۽ ڪشمڪش مسلسل پيدا ٿيندي رهندي آهي اها ڳالهہ پارٽيءَ منجهہ انهن تضادن جو عڪس يا اولڙو هوندي آهي، جي سماج اندر، مختلف طبقن درميان، ۽ نئين ۽ پراڻي جي وچ ۾ موجود هوندا آهن. پر جي پارٽيءَ ۾ تضاد نہ هجن، ۽ انهن تضادن کي حل ڪرڻ لاءِ نظرياتي جدوجهد ۽ ڪشمڪش نہ هجي، تہ پارٽيءَ جي زندگي ئي جيڪر پڇاڙيءَ کي وڃي رسي.

اهو اڳ ئي واضح ٿي چڪو آهي تہ تضاد آفاقي ۽ ڪلي طرح ۽ سڀني عملن ۾ موجود رهي ٿو، پوءِ ڪٽي اهو چرپر جي سادي صورت ۾ هجي يا منجهيل ۾، معروضي لقاءَ ۾ هجي يا نظرياتي لقاءَ ۾. پر، ڇا تضاد، هرهڪ عمل جي شروعاتي ڏاڪي ۾ بہ موجود هوندو آهي؟ ڇا هر شيءِ جي اوسر جي عمل دوران، منڍ کان پڇاڙيءَ تائين، ضدن جي چرپر رهي ٿي؟

سوويت فيلسوفن جي تنقيدي مضمونن جي مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ ڊيبورن فڪر جي مڪتب جو چوڻ آهي تہ تضاد ڪنهن عمل جي شروع يا اوائل ۾ پيدا نٿو ٿئي، پر اهو رڳو تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن عمل ڪنهن خاص اوسر جي ڏاڪي يا منزل تي رسي ٿو. جيڪڏهن ائين هجي تہ پوءِ ان خاص منزل يا ڏاڪي تي رسڻ کان اڳ، ان عمل جي اوسر يا ترقيءَ جو سبب ٻاهريون يا خارجي ٿيندو ۽ نہ ڪي اندريون يا داخلي. ان مان ظاهر ٿيو تہ ڊيبورن ٻاهرين يا خارجي اتفاقن ۽ مشينيت واري مابعدالطبعيات ڏانهن موٽ ڪائي ٿو. ڊيبورن فڪر جو مڪتب جڏهن ان نظريي کي نوس مسئلن جي تجزيي تي لاڳو ڪري ٿو، تہ هن ڪي، روس جي موجوده حالتن هيٺ، ڪلڪن (Kulaks) ۽ عام هارين جي وچ ۾ رڳو اختلاف نظر اچن ٿا ۽ نہ ڪي انهن جي وچ وارا تضاد؛ ۽ ائين هو بخارن (Bukharin) سان بلڪل هم راءِ ٿئي ٿو. فرينچ انقلاب جو تجزيو ڪندي اهو (مڪتب فڪر) اها راءِ ٿو ظاهر ڪري تہ انقلاب کان اڳ ٽين رياست (Third State) ۾، جا مزدورن، هارين ۽ بورجوائين تي مشتمل هئي، رڳو اختلاف موجود هئا ۽ نہ ڪي تضاد. ڊيبورن مڪتب خيال جا اهي رايا ۽ سوچون مارڪسزم جي خلاف آهن. هي مڪتب خيال اهو نٿو سمجهي سگهي تہ هرهڪ ۽ هرڪو اختلاف اڳئي تضاد جو حامل آهي، ۽ تہ اختلاف خود هڪ تضاد آهي.

پورهيو ۽ سرمايو تڏهن کان هڪٻئي سان تضاد ۾ آهن، جڏهن کان اهي ٻہ طبقا وجود ۾ آيا آهن، رڳو منڍ ۾ اهو تضاد ڳوڙهو ۽ گهرو نہ هو. سوويت يونين جي هاڻوڪي سماجي حالتن هيٺ پڻ پورهيتن ۽ هارين جي وچ ۾ اختلاف ۽ فرق آهي، ۽ اهو بذات خود هڪ تضاد آهي؛ جيتوڻيڪ اهو تضاد، پورهئي ۽ سرمايي درميان تضاد جيان، مخاصمت واري يا وروڌي مخالفت ۾ تبديل نہ ٿيندو، ۽ نہ ئي طبقاتي جدوجهد جو روپ اختيار ڪندو. سوشلسٽ تعمير دوران پورهيت ۽ هاريءَ پاڻ ۾ پڪو اتحاد قائم ڪيو آهي، ۽ سوشلزم کان ڪميونزم ڏانهن سفر ڪندي، هو ڏاڪي بہ ڏاڪي، هوريان هوريان اهو تضاد حل ڪري رهيا آهن. سوال تضاد جي ڌار ڌار قسمن جو آهي، نہ ڪي تضاد جي هجڻ يا نہ هجڻ جو. تضاد آفاقي يا ڪلي يا مطلق لقاءُ آهي؛ اهو شين جي اوسر جي هر عمل ۾ موجود هوندو آهي، ۽ هر عمل ۾ اول کان آخر تائين جاري ساري رهندو آهي.

ڪنهن نئين عمل جي پڌري ٿيڻ مان مراد ڇا آهي؟ پراڻي وحدت (ايڪو) ۽ ان جا جوڙيندڙ ضد، نئين وحدت ۽ ان جي جوڙيندڙ ضدن آڏو آڻ مڃيندا آهن،

جنهن ڪري هڪ پراڻي عمل جي جاءِ وٺڻ لاءِ نئون عمل پيدا ٿيندو آهي. پراڻو عمل جو سلسلو ختم ٿئي ٿو ۽ نئون شروع ٿئي ٿو. نئين عمل جي سلسلي ۾ نوان تضاد سمايل هوندا آهن؛ ۽ تضادن جي اوسر ۽ واڌ جي پنهنجي نئين تاريخ شروع ڪندو آهي.

لينن چواڻي، مارڪس پنهنجي جڳ مشهور تصنيف ”سرمايي“ ۾ ضدن جي ان چرپر جو مثالي تجزيو ۽ ڇنڊڇاڻ پيش ڪئي آهي، جا شين جي اوسر ۽ واڌ جي عمل ۾ اول کان آخر تائين جاري رهي ٿي. اهو ئي طريقو آهي جو سڀني شين جي اوسر ۽ واڌ جي اڀياس ۾ اختيار ڪرڻ گهرجي. لينن پڻ اهو طريقو صحيح طور استعمال ڪيو، ۽ پنهنجي مڙني لکيتن ۾ ان تي ثابت قدم رهيو.

پنهنجي ”سرمايي“ ۾ مارڪس پهريائين بورجوا سماج جي سادي ۾ سادي، انتهائي معمولي ۽ بنيادي، بلڪل عام رواجي ۽ روزمره جي ناتي رشتي جو تجزيو ڪري ٿو، اهڙي ناتي رشتي جو جنهن سان ڪروڙين اربها دفعا واسطو پوي ٿو؛ يعني، جنسن جي مٽا سٽا. هن انتهائي سادي لقاءَ ۾ (بورجوا سماج جي هن ”گهرڙي“ ۾) ڇنڊڇاڻ يا تجزيو نئين يا جديد سماج جي سڀني تضادن (يا مڙني تضادن جي جيوڙن) جو انڪشاف ٿو ڪري. پوءِ جو بيان ۽ اظهار، انهن تضادن ۽ ان سماج جي اوسر يا واڌ (اپرڻ ۽ چرپر ٻئي) ڏيکاري ٿو، جا ان (سماج) جي منفرد حصن جي (مجموعي) ۾ اول کان آخر تائين جاپذير ٿئي ٿي.

لينن وڌيڪ چيو ته، ”عام طور جدليات جي وضاحت (يا اڀياس) جو به اهو ئي طريقو هئڻ گهرجي“. [9]

چيني ڪميونسٽن کي اهو طريقو ضرور سکڻ گهرجي؛ رڳو تڏهن ئي هو چيني انقلاب جي تاريخ ۽ ان جي هاڻوڪي صورتحال جو صحيح تجزيو ڪري سگهندا، ۽ ان جي آئندي جو اندازو لائي سگهندا.

★

(3)

# تضاد جي خصوصيت يا نيارپ

## (The Particularity of Contradiction)

سيني شين جي اوسر جي عمل ۾ تضاد موجود آهي؛ اهو هر شيءِ جي عمل ۾ اول کان آخر تائين جاري ساري رهي ٿو. اِها ئي تضاد جي آفاقيت، ڪليت يا مطلقيت آهي جنهن تي اسان مٿي ڳالهائي آيا آهيون. هاڻي اچو تہ تضاد جي خصوصيت يا نيارپ ۽ نسبت تي بحث ڪريون.

هن مسئلي جو ڪيترن ئي سطحن تي اڀياس ڪرڻ گهرجي.

پهريون، تہ مادي جي چرپر جي هر صورت ۾ تضاد ڪي پنهنجي خصوصيت آهي. مادي بابت ماڻهوءَ جي ڄاڻ يا علم، مادي جي چرپر يا حرڪت جي صورت جي ڄاڻ يا علم جو ٻيو نالو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن دنيا ۾ چرندڙ پرندڙ ۽ محرڪ مادي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي، ۽ تہ اها چرپر يا حرڪت ڪا نہ ڪا صورت ۽ هيئت اختيار ڪري ٿي. مادي جي چرپر جي هر صورت تي غور ڪرڻ وقت اسان کي اهڙن نڪتن جو مشاهدو ڪرڻ گهرجي، جي ان ۾، ۽ چرپر جي ٻين صورتن ۾ مشترڪ طور موجود آهن. پر جا ڳالهہ خاص طرح اهم ۽ ضروري آهي، ۽ جا ڪنهن شيءِ بابت اسان جي ڄاڻ جو بنياد بڻجي ٿي، سا اِها آهي تہ اِهو مشاهدو ڪيو وڃي تہ مادي جي چرپر جي اُن صورت ۾ ڪهڙي خصوصيت يا نيارپ آهي، يعني؛ اهو مشاهدو ڪيو وڃي تہ چرپر جي اُن صورت ۽ ٻين صورتن ۾ وصف جي لحاظ کان ڪهڙو فرق آهي، رڳو ائين ڪرڻ کان پوءِ ئي اسان شين جي وچ ۾ فرق ڪري سگهنداسين. چرپر جي هر صورت پاڻ اندر پنهنجو هڪ مخصوص تضاد رکي ٿي. اُهو خاص تضاد هڪ اهڙو مخصوص جوهر يا تت ناهي ٿو، جو هڪ شيءِ کي ٻيءَ کان ڌار ۽ نرالو ڪري ٿو. دنيا ۾ شين جي ڌار ڌار ۽ پانت پانت قسمن ۾ هجڻ جو اهو ئي اندريون سبب آهي، يا ان جو بنياد ڪٽي چئجيس. فطرت ۾ چرپر جون

ڪيئي صورتون آهن، مشيني چرپر، آواز، روشني، گرمي، بجلي، چجي ڌار ٿيڻ، ڳنڍجي هڪ ٿيڻ، وغيره اهي سڀ صورتون هڪٻئي تي ڀاڙيندڙ ۽ آڏاري آهن، پر جوهر جي لحاظ کان هر صورت ٻين صورتن کان مختلف آهي. چرپر جي هر صورت جي مخصوص جوهر جو نبيرو يا تعين، سندس مخصوص تضاد سان ٿئي ٿئي ٿو. اها ڳالهه نه رڳو فطرت جي باري ۾ پر سماجي ۽ نظرياتي لقائن جي حالت ۾ بہ صحيح آهي. سماج جي هر صورت، نظريي جي هر روپ ڪي پنهنجو مخصوص تضاد ۽ مخصوص جوهر ٿئي ٿو.

سائنسن جي وچ ۾ فرق بہ انهن مخصوص تضادن جي بنياد تي ڪيو وڃي ٿو، جي انهن (سائنسن) جي پنهنجي مطالعي يا اڀياس جي مقصدن ۽ مرادن ۾ موجود رهن ٿا. اهڙي طرح لقاءَ جي ڪنهن ميدان جو مخصوص تضاد، سائنس جي ڪنهن مخصوص شاخ جي مطالعي جو مقصد يا مراد بڻجي ٿو. مثال طور رياضيءَ ۾ مثبت ۽ منفي عدد، مشيني علم ۾ عمل ۽ ردعمل، طبعي سائنس ۾ مثبت ۽ منفي بجليءَ جي ڌارا، ڪيميا ۾ جزن جو ڇجي ڌار ٿيڻ ۽ ڳنڍجڻ، سماجي سائنس ۾ پيداواري سگهہ ۽ پيداواري ناتا رشتا، طبقا ۽ طبقن درميان جدوجهد، ملٽري سائنس ۾ اڳرائي ۽ بچاءُ، فلسفي ۾ تصوريت ۽ ماديت، مابعدالطبعياتي نظريو ۽ جدلياتي نظريو وغيره وغيره. اهي سڀ سائنس جي ڌار ڌار شاخن جي مطالعي جا مقصد ۽ مرادون رڳو ان ڪري آهن، جو هر شاخ ڪي پنهنجو مخصوص تضاد ۽ مخصوص جوهر آهي. ائين برابر آهي، تہ جيستائين اسان تضاد جي آفاقيت، ڪليت يا مطلقيت ڪي نٿا سمجهون تيسين اسان وٽ شين جي چرپر يا اوسر جي آفاقي سبب يا آفاقي بنياد ڳولي لهڻ جي ڪا واٽ نہ هوندي: پر ائين چوڻ بہ برابر آهي تہ جيستائين اسان تضاد جي خصوصيت جو اڀياس نہ ڪيو آهي، تيستائين اسان وٽ ڪنهن شيءِ جي مخصوص جوهر هٿ ڪرڻ يا معلوم ڪرڻ جو طريقو نہ هوندو جو اُن شيءِ ڪي ٻين شين کان ڌار ۽ مختلف ٿو ڪري: ڪنهن شيءِ جي چرپر يا اوسر جي مخصوص سبب يا مخصوص بنياد ڳولي لهڻ جو طريقو نہ هوندو: ۽ هڪ شيءِ ڪي ٻي شيءِ کان ڌار ڪري سڃاڻڻ، يا سائنس جي ميدان ۾ حدبندي ڪرڻ جو طريقو نہ هوندو.

جيتري قدر انسان جي ڄاڻ جي چرپر يا حرڪت ۾ ترتيب ۽ تسلسل جو تعلق آهي، تہ ان ۾ سدائين منفرد ۽ خاص شين جي ڄاڻ کان، عام شين جي ڄاڻ ڏانهن بتدريج يا ڏاڪي وار اوسر ۽ واڌ ٿئي ٿي. جڏهن ماڻهو گهٽين ڌار ڌار شين جو

مخصوص جوهر سمجهي وڃي ٿو، رڳو تڏهن ئي هو شين جي مشترڪ يا گڏيل جوهر سمجهڻ ۽ انهن جي عام وصف يا عموميت معلوم ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿو. جڏهن ماڻهو اهو عام جوهر سمجهي ٿو وڃي، ته هو ان جي رهنمائيءَ هيٺ، اهڙين نوس شين جي مطالعي ڏانهن وک وڌائي ٿو، جن جو اجا مطالعو نه ڪيو ويو آهي، يا پوريءَ ريت اڀياس هيٺ نه آيون آهن، ۽ انهن مان هرهڪ جو مخصوص جوهر ڳولي ٿو. رڳو ائين ڪرڻ سان ئي هو انهن جي مشترڪ جوهر بابت پنهنجي ڄاڻ ۾ واڌاري ڪرڻ، ان کي مالامال ڪرڻ، ۽ ان کي وڌائڻ ويجهائڻ جي قابل ٿئي ٿو؛ ۽ اهڙي ڄاڻ کي ڪومائجڻ ۽ جامد يا پنڊپهڻ ٿيڻ کان روڪڻ جي لائق ٿئي ٿو. سڄاڻپ جا اهي ئي ٻه عملي رستا آهن: هڪ، خاص کان عام ڏانهن، ۽ ٻيو، عام کان خاص طرف. اهڙي طرح سڄاڻپ ۽ ڄاڻ سدائين چڪر جي صورت ۾ چرپر ڪندي آهي ۽ (جيستائين سائنسي طريقي جي سختيءَ سان پابندي ڪئي ويندي آهي) هر چڪر (Cycle) انساني ڄاڻ کي هڪ ڏاڪو مٿي وٺي وڃي ٿو، ۽ ان کي وڌ کان وڌ گهرو ۽ اونهو ڪري ٿو. ان ڏس ۾ اسان جا عقيدي پرست (Dogmatists) جا غلطي ڪن ٿا، سا اها آهي ته، هڪ پاسي هو اهو نٿا سمجهن ته تضاد جي آفاقيت يا ڪليت ۽ شين جي مشترڪ (Common) جوهر کي چڱيءَ طرح ڄاڻڻ کان اڳ، اسان کي تضاد جي خصوصيت جو اڀياس ڪرڻ ۽ منفرد شين جي مخصوص جوهر کي ڄاڻڻ گهرجي؛ ٻي پاسي هو اهو به نٿا سمجهن ته شين جي مشترڪ جوهر معلوم ڪرڻ کان پوءِ اسان کي اڳتي وڌڻ گهرجي، ۽ اهڙين نوس شين جو اڀياس ڪرڻ گهرجي، جن جو اجا پوريءَ ريت مطالعو نه ٿيو آهي، يا جي نيون شيون هينئر ظاهر ٿيون آهن. اسان جي عقيدي پرستن جو هڏ حرام ٿي ويو آهي. نوس شين جي مطالعي جا سور هنن کان سنا نٿا وڃن. هنن جي خيال ۾ عام سچ ناهوند (Void) يا خلا مان پيدا ٿا ٿين. هو انهن کي خالص، جامد، اَڻ مِٽ ۽ مبهم قسم جي فارمولن ۾ تبديل ٿا ڪن، ۽ اهڙي ريت هو اُن عام رواجي سلسلي يا ترتيب جا منڪر ٿي اُن جي بلڪل ابتڙ عمل ڪن ٿا، جنهن ترتيب يا سلسلي رستي ماڻهو سوچ کي سمجهي يا رَسي سگهي ٿو. نه ئي هو (عقيدي پرست) سڄاڻپ جي ٻن عملي رستن، خاص کان عام طرف، ۽ عام کان خاص طرف، جي هڪبئي سان لاڳاپي ۽ ناتي کي سمجهي سگهن ٿا. هنن کي ڄاڻ يا علم بابت مارڪسي نظريي جي ڪابه ڀيٽ نه آهي.

نہ رڳو مادي جي چرپر يا حرڪت جي صورتن جي هر وڏي سرشتي جي مخصوص تضاد ۽ ان جي جوهر جو اڀياس ڪرڻ ضروري آهي، پر مادي جي چرپر جي هر صورت جي اوسر يا واڌ جي ڊگهي رستي ۾ هر عمل جي مخصوص تضاد ۽ ان جي جوهر جو اڀياس ڪرڻ بہ ضروري آهي. چرپر جي هر صورت ۾، اوسر يا واڌ جو هر عملي رستو، جيڪو حقيقي (نہ ڪي تصوراتي ۽ خيالي) آهي، وصفي طرح (Qualitatively) ڌار ۽ نرالو آهي، اسان کي پنهنجي اڀياس ۾ ان نڪتي تي ئي زور ڏيڻ گهرجي ۽ اتان ئي پنهنجي مطالعي جي شروعات ڪرڻ گهرجي.

وصفي طرح ڌار ڌار تضادن کي رڳو وصفي طرح ڌار ڌار طريقن سان ئي حل ڪري سگهجي ٿو. مثال طور: پرولتاري ۽ بورجوا طبقن درميان تضاد کي سوشلسٽ انقلاب رستي ئي حل ڪجي ٿو، عظيم عوام ۽ جاگيرداري سرشتي درميان تضاد کي جمهوري انقلاب رستي حل ڪجي ٿو: بيٺڪن ۽ سامراجيت درميان تضاد کي قومي انقلابي جنگ رستي حل ڪجي ٿو: سوشلسٽ سماج اندر پورهيت ۽ هاري درميان تضاد کي زراعت کي اجتماعي ۽ مشيني بنائڻ رستي حل ڪجي ٿو: ڪميونسٽ پارٽيءَ اندر واري تضاد کي تنقيد ۽ خودتنقيد رستي حل ڪجي ٿو: سماج ۽ فطرت درميان تضاد کي پيداواري سگهن کي ترقي ۽ زور وٺرائڻ سان حل ڪجي ٿو. عملي رستا بدلبا رهن ٿا: پراڻا عمل جا رستا ۽ تضاد گم ٿي وڃن ٿا، نوان عملي رستا ۽ تضاد اڀري اچن يا ڦٽي نڪرن ٿا، ۽ تضادن کي حل ڪرڻ جا رستا يا طريقا بہ ان پٽاندر مختلف ۽ ڌار ڌار ٿين ٿا. روس ۾ فبروري انقلاب رستي حل ڪيل تضاد، توڙي انهن تضادن کي حل ڪرڻ جي طريقن، ۾ بنيادي فرق هو. ڌار ڌار تضادن کي ڌار ڌار طريقن سان حل ڪرڻ جو بنيادي اصول ئي اهڙو اصول آهي جنهن جي مارڪسي ـ لينني نظريي رکندڙ کي سختيءَ سان پيروي ۽ پابندي ڪرڻ گهرجي. عقيدي پرست ان اصول کي نہ ليکيندا آهن: هو اهو نٿا سمجهن تہ ڌار ڌار قسم جي انقلاب جون حالتون ڌار ڌار هونديون آهن، ۽ ان ڪري نٿا سمجهي سگهن تہ ڌار ڌار تضادن کي حل ڪرڻ لاءِ ڌار ڌار طريقا استعمال ڪرڻ گهرجي. ان جي ابتڙ هو هر پيري اهڙو فارمولو يا نسخو آزمائيندا آهن، جنهن کي هو اَڻ مَٽجندڙ خيال ڪندا آهن، ۽ هر جاءِ تي اُن کي هوڙهائپ سان لاڳو ڪري ڇڏيندا آهن. سندن اها حرڪت رڳو انقلاب کي پٺتي ڌڪي ڇڏيندي آهي، يا ڪيل ڪمائي بہ چٽ ڪري ڇڏيندي آهي.

ڪنهن شيءِ جي اوسر يا واڌ جي ڪنهن بہ عملي رستي ۾ تضادن جي، سندن آفاقيت يا ڪليت ۽ هڪٻئي سان لاڳاپن جي لحاظ کان، خصوصيت يا نيارپ ظاهر ڪرڻ لاءِ، يعني ان عملي رستي جي جوهر پڌري ڪرڻ لاءِ، اهو ضروري آهي تہ، ان عملي رستي جي هر تضاد جي ٻنهي پهلوئن جي خصوصيت کي ظاهر ڪيو وڃي. ٻيءَ حالت ۾ عملي رستي جي جوهر کي ڳولي لهڻ ناممڪن ٿي پوندو. اڳين وانگر هيءُ نڪتو بہ اسان جي اڀياس ۾ ڳوڙهي ۽ گهري ڌيان جو گهرجائو آهي.

ڪنهن بہ وڏي شيءِ جي اوسر يا واڌ جي عمل ۾ ڪيترا ئي تضاد ٿين ٿا. مثال طور چين ۾ بورجوا جمهوري انقلاب دوران، جڏهن حالتون ڏاڍيون منجهيل آهن، ڪيترا ئي تضاد موجود آهن: چيني سماج جي سڀني پيڙيل طبقن ۽ سامراجيت وچ ۾، عظيم عوام ۽ جاگيرداريءَ درميان، پرولتاري ۽ بورجوا طبقن درميان، هڪ پاسي هاري ۽ شهري پيٽي بورجوا درميان، تہ ٻي پاسي ان جو بورجوا سان ۽ ڌار ڌار رجعت پرست حاڪم ٽولن درميان، وغيره وغيره. انهن تضادن سان هڪجهڙو يا ساڳيو ورتاءُ نٿو ڪري سگهجي، چاڪاڻ تہ هرهڪ کي پنهنجي خصوصيت يا نيارپ آهي. ان ڪان سواءِ هر تضاد جي ٻنهي پهلوئن جي باري ۾ بہ ساڳيو ريو نٿو اختيار ڪري سگهجي، چاڪاڻ تہ هر پهلوءَ ۾ پنهنجون خاصيتون آهن. اسان کي، جيڪي چيني انقلاب ۾ رڌل ۽ مشغول آهيون، نہ رڳو انهن تضادن جي ڪلي طور يا مجموعي خاصيت، انهن جي هڪٻئي سان لاڳاپي جي لحاظ سان، سمجهڻ گهرجي، پر هر تضاد جي ٻنهي پهلوئن جو بہ اڀياس ڪرڻ گهرجي، جو ئي ان جي ڪليت ۽ مجموعي خصوصيت سمجهڻ جو واحد وسيلو آهي. جڏهن اسان تضاد جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ اسان جو مطلب اهو سمجهڻ هوندو آهي تہ هر پهلو ڪهڙي خاص يا نرالي جڳهہ والاري ٿو، اهو پنهنجي ضد سان دارومدار رکڻ ۽ تضاد جي حالت ۾ ڪهڙيون نوس صورتون اختيار ڪري ٿو، ۽ پنهنجي ضدن سان جدوجهد يا ڪشمڪش جي حالت ۾ ڪهڙا نوس طريقا واپرائي ٿو. اهو ٻنهي حالتن ۾ سمجهڻو آهي: ان حالت ۾ بہ جڏهن ٻئي هڪٻئي سان آڌاري هوندي تضاد ۾ آهن، ۽ ان حالت ۾ بہ جڏهن انهن جو هڪٻئي تي آڌار يا دارومدار ختم ٿي وڃي ٿو. انهن مسئلن جو مطالعو وڏي اهميت وارو آهي. جڏهن لينن چيو تہ مارڪسزم جي نهايت ضروري شيءِ، مارڪسزم جو جيئرو جاڳندو روح، آهي نوس حالتن جو نوس تجزيو، تہ اُن مان هن جي مراد بہ بلڪل اها ئي هئي. [10] اسان جي عقيدي پرستن لينن جي سکيائن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. هنن ڪڏهن بہ

ڪنهن نوس شيءِ جي نوس تجزيي يا چنڊڇاڻ لاءِ پنهنجا دماغ ڪم نہ آندا آهن. هو پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ۾ سدائين ٺلهو ۽ نهيو جڙيو عام رواجي انداز (Stereotype) واپرائين ٿا، ۽ اهڙيءَ ريت اسان جي پارٽيءَ ۾ ڪم جو هڪ خراب ۽ غلط انداز ۽ طريقو پيدا ڪن ٿا.

ڪنهن بہ مسئلي جي مطالعي ويل، اسان کي موضوعيت (Subjectivity) يا ظاهريت، هڪطرفائي، ۽ متاچرائي يا سطحي پٽي کان پاسو ڪرڻ گهرجي. موضوعي يا ظاهريت پرست تيڻ مان مراد آهي مسئلي کي معروضي (Objectively) يا باطني طرح نہ ڏسڻ، يعني مسئلن کي ڏسڻ لاءِ مادي سوچ يا نظريي کان ڪم نہ وٺڻ. مان پنهنجي مقالي ”عمل بابت“ (On Practice) ۾ ان تي بحث ڪري چڪو آهيان. هڪطرفي تيڻ مان مراد آهي مسئلن جي سيني پاسن يا طرفن کي نہ ڏسڻ، مثال طور رڳو چين کي سمجهڻ ۽ جپان کي نہ، ڪميونسٽ پارٽي کي سمجهڻ ۽ ڪومنتانگ کي نہ، رڳو پرولتاري تي ڌيان ڏيڻ ۽ بورجوا تي نہ، رڳو هاري کي ڏسڻ ۽ زميندار کي نہ، رڳو سٺاين حالتن کي ڌيان ۾ رکڻ ۽ اٽاين حالتن کي نہ، رڳو ماضيءَ کي ڏسڻ ۽ مستقبل کي نہ، رڳو ڌار ۽ منفرد حصن کي ڏسڻ ۽ سڄي کي نہ، رڳو خامين کي ڏسڻ ۽ حاصلات کي نہ، رڳو مدعيءَ جي دعوئٰ تي غور ڪرڻ ۽ مدعاعليہ جي ڪيس تي نہ، رڳو زير زمين انقلابي هلچل کي سمجهڻ ۽ کليل انقلابي تحريڪ کي نہ، وغيره، وغيره. ٿوري ۾ ڪٽي ائين چئجي تہ تضاد جي ٻنهي پهلوئن جي خاصيتن سمجهڻ کان انڪار ڪرڻ. ڪنهن مسئلي کي هڪطرفو ڏسڻ مان اسان جي مراد اها ئي آهي. يا ائين بہ ڪٽي چئجي تہ حصو يا جزو ڏسڻ ۽ سڄو يا ڪل نہ ڏسڻ، وڻ ڏسڻ پر ٻيلو نہ ڏسڻ. ان طريقي سان ڪنهن تضاد جي حل لاءِ رستو لهڻ ناممڪن آهي؛ انقلاب کي پورٽتا ڏيڻ، سونپيل ڪم کي پليءَ پت ادا ڪرڻ، يا پارٽيءَ اندر نظرياتي جدوجهد کي صحيح طور ترقي وٺرائڻ بہ ناممڪن آهي. ملٽري سائنس تي بحث ڪندي جڏهن سن وو زو چيو تہ، ”پنهنجي دشمن کي سڃاڻو ۽ پاڻ کي سڃاڻو، تہ توهان هار يا شڪست جي پؤ ڌاران سوين لڙايون لڙي سگهندو“ [11] تہ هو لڙائيءَ جن ٻن پاسن يا پهلوئن جي ڳالهہ ڪري رهيو هو. ٿانگ گهراڻي جي وي چينگ [12] هڪطرفي هئڻ جي غلطيءَ کي محسوس ڪيو هو، جو هن چيو تہ، ”ٻئي پاسا ٻڌو تہ توهان سوجهري ۾ ايندؤ، هڪ پاسو ٻڌندؤ تہ اونداهيءَ ۾ هوندؤ.“ پر اسان جا ڪامريڊ گهڻو ڪري مسئلن کي هڪطرفو ڏسن ٿا، ۽ ان ڪري اڪثر ڌڪيا ڏينهن ڏسن ٿا. ”بيءِ هُوشئان“ ناول ۾ سنگ چيانگ تي پيرا چُو

ڳوٺ تي حملو ڪيو [13] ﭔ ڀيرا هن کي هار ڀلڻ پئي، جو جو هو مقامي حالتن کان اڻڄاڻ هو ۽ غلط طريقا پئي استعمال ڪيائين. پوءِ هن طريقا مٽايا، ڀهريائين هن صورتحال جي جاچ ڪئي ۽ رستي جي ورن وڪڙن کان واقف ٿيو. پوءِ هن لِي، هُو ۽ چُو ڳوٺن جي ٻڌيءَ کي ٽوڙيو، ۽ پنهنجي ماڻهن کي ويس مٽائي، دشمن جي ڪئمپ ۾ موڪليو ته اتي ويهي ماٺ ۾ موقعي جو انتظار ڪن. اهڙيءَ ريت هن اهڙي ڪيڏ ڪيڏي جهڙي، هڪ غيرملڪي ڪهاڻيءَ ۾ ”ٽروجن هارس“ جي شڪل ۾ ڪيڏي وئي هئي. ٽين ڪاهه ۾ هن کي جيت ڀلڻ پئي. ”ٻيءِ هُوشئان“ ۾ مادي جدليات جا ڪيترا ئي مثال آهن، جن مان چُو ڳوٺ تي ٽن ڪاهن جو مثال سٺن مثالن مان هڪ آهي. لينن چيو:

”. . . سچ پچ ڪنهن شيءِ جي اڀياس ڪرڻ يا سمجهڻ لاءِ اسان کي ان جي سيني پاسن، سيني لاڳاپن ۽ ”تياڪڙ عملن“ کي پنهنجي گهيري ۽ مطالعي ۾ آڻڻ گهرجي. اسان اها حاصلات پوريءَ ريت نه ماڻي سگهنداسين، سواءِ سيني پاسن ڏسڻ ۽ جاچڻ جي مطالبي جي، جو اسان لاءِ، غلطين ۽ ذهني جمود کان بچاءَ جي پت آهي. [14]

اسان کي سندس اهي لفظ ڪڏهن ﭔ نه وسارڻ گهرجن. مٿاڇري يا سطحي ٿيڻ مان مراد آهي، ڪنهن تضاد جي نه ان جي مجموعي لحاظ سان خاصيتن تي سوچڻ، ۽ نه ئي ان جي هرهڪ پهلوءَ جي خاصيتن تي ويچار يا غور ڪرڻ؛ پر ان جي بجاءِ، رڳو ان تي مٿاڇري نموني پري کان ڏسي، سندس ٻاهرين ڪچي پڪي خاڪي تي نظر وجهي، يڪدم ان تضاد کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ (ڪنهن سوال جو جواب ڏيڻ، تڪرار نبيرڻ، ڪم اڪلائڻ، يا فوجي مهم يا ڪاروائي جي رهنمائي ڪرڻ). اهو ڪم جو طريقو لازمي طرح وڃي ڪنهن آفت ۾ اڇليندو. چين ۾ عقيدي پرست ۽ تجزيي پسند ڪامريڊن جي غلطيون ڪيون آهن، تن جو سبب ﭔ سندن شين ڏانهن رويي جو ظاهري يا موضوعي، هڪطرفو ۽ مٿاڇرو هجڻ آهي. هڪطرفو يا مٿاڇرو ٿيڻ ساڳي ئي وقت موضوعيت يا ظاهرپ پرست ٿيڻ ﭔ آهي. ڇاڪاڻ ته سڀ معروضي (Objective) شيون اصل ۾ هڪٻئي سان لاڳاپو رکندڙ آهن ۽ اندروني قانونن جي تابع آهن، پر ڪي ماڻهو شين کي ان حالت ۾، جيئن هو دراصل آهن، ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ بجاءِ، انهن کي رڳو هڪطرفي ۽ مٿاڇري نموني ڏسن ٿا. اهي نه ته سندن پاڻ ۾ لاڳاپن کي ڄاڻن ٿا، ۽ نه ئي سندن اندروني قانونن جو علم رکن ٿا؛ ان ڪري سندن طريقو موضوعيت پرست هوندو آهي.

ڪنهن شيءِ جي اوسر ۾ نہ رڳو ضدن جي چرپر جو سچو سلسلو، انهن جي هڪٻئي سان لاڳاپن، ۽ هرهڪ جي الڳ پهلوءَ جي لحاظ کان، مخصوص رَوَشن وارو ٿئي ٿو، جن تي اسان کي ڌيان ڏيڻ گهرجي، پر عمل جي سلسلي ۾ هر ڏاڪي يا درجي کي پنهنجون مخصوص رَوَشون (Features) آهن، جن تي پڻ اسان کي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

ڪنهن شيءِ جي اوسر جي عمل واري سلسلي ۾ بنيادي تضاد ۽ ان بنيادي تضاد سان متعين ٿيندڙ عملي طريقي جو جوهر، تيستائين گم نٿا ٿين، جيستائين اهو عمل پورو نٿو ٿئي؛ پر ڊگهي عملي طريقي ۾ هر ڏاڪي يا درجي تي حالتون ڌار ڌار ٿين ٿيون. اهو ان ڪري جو جيتوڻيڪ ڪنهن شيءِ جي عملي رستي ۾ بنيادي تضاد جي سڀاءَ ۽ عملي طريقي جي جوهر ۾ ڪا تبديلي نٽي ٿئي، پر ڊگهي عمل دوران، جڏهن بنيداي تضاد هڪ ڏاڪي کان ٻي ڏاڪي تي پهچي ٿو تہ اهو وڌيڪ ڳوڙهو ۽ اونهو ٿيندو وڃي ٿو. ان سان گڏوگڏ گهٽ ئي ننڍن ۽ وڏن تضادن مان، جي بنيادي تضاد سان متعين يا متاثر ٿين ٿا، ڪي ڳوڙها ٿي ويندا آهن، ڪي عارضي طرح يا جزوي طور تي حل ٿي ويندا آهن يا سندن گهرائي گهٽجي ويندي آهي، ۽ ڪي وري نوان تضاد پيدا ٿيندا يا اُڀري ايندا آهن. ان ڪري عملي طريقي جي سڃاڻپ يا نشاندهي درجن يا ڏاڪن ذريعي ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن ماڻهو، ڪنهن شيءِ جي اوسر جي عملي طريقي جي ڏاڪن يا درجن (Stages) تي ڌيان نٿا ڏين، تہ اهي ان جي تضادن سان چڱيءَ پر منهن نہ ڏئي سگهندا.

مثال طور جڏهن آزاد چٽاپيٽي جي دور جي سرمائيداريءَ سامراجيت جي صورت اختيار ڪئي تہ بنيادي طور متضادي ٻن طبقن، يعني پرولتاري ۽ بورجوا، جي سڀاءَ يا سماج جي سرمائيداراڻي جوهر ۾ ڪا تبديلي ڪانہ آئي. بهرحال انهن ٻنهي طبقن درميان تضاد گهرو ٿي ويو، هڪ هٿي ۽ غيرهڪ هٿي سرمايي درميان تضاد نروار ٿيو، ٻينڪي طاقتن ۽ ٻينڪن درميان تضاد گهرو ٿي ويو، سرمائيدار ملڪن درميان تضاد، جو انهن ملڪن جي نابرابريءَ واري ترقيءَ جو نتيجو هو، خاص تيزيءَ سان اڀري آيو، ۽ اهڙيءَ ريت سرمائيداريءَ جو خاص درجو يا منزل، يعني سامراجيت جو ڏاڪو نروار ٿي آيو. ليننزم سامراجي ۽ پرولتاري انقلاب جي دور جي مارڪسزم آهي، ڇاڪاڻ تہ لينن ۽ اسٽالين انهن تضادن جي صحيح تشريح ۽ وضاحت ڪئي آهي، ۽ انهن جي حل ڪرڻ لاءِ پرولتاري انقلاب جي نظريي ۽ اٽڪلن جي صورت پيش ڪئي آهي.

چين جي ان بورجوا ـ جمهوري انقلاب جي عملي طريقي کي ئي ڪٽي وٺو، جو 1911ع واري انقلاب سان شروع ٿيو. ان جون بہ ڪيترين ئي ڌار ڌار نراليون منزلون آهن. خاص طرح، بورجوا اڳواڻيءَ واري دور جو انقلاب، ۽ پرولتاري اڳواڻيءَ واري دور جو انقلاب، ٻن بلڪل ڌار ڌار نيارن تاريخي منزلن يا ڏاڪن جي نمائندگي ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي تہ پرولتاري اڳواڻيءَ بنيادي طور انقلاب جو روپ ئي بدلي ڇڏيو آهي، طبقن جي نئين سر صف بندي ڪئي آهي، هاري انقلاب ۾ هڪ زبرو اڀار ۽ جوش آندو آهي، سامراجيت ۽ جاگيرداريءَ خلاف انقلاب ۾ پورڻتا يا تڪميل آندي آهي، جمهوري انقلاب مان ٽپي سوشلسٽ انقلاب ۾، اچڻ لاءِ امڪان پيدا ڪيا آهن، وغيره وغيره. بورجوا اڳواڻيءَ واري انقلاب جي دور ۾ انهن مان ڪنهن بہ شيءِ ٿيڻ جو امڪان ڪونہ هو. جيتوڻيڪ مجموعي طور ان عملي طريقي ۾ بنيادي تضاد جي سڀاءُ (Nature) ۾، يعني عملي طريقي جي سامراج دشمن ۽ جاگيردار دشمن سڀاءُ (جنهن جو ضد ان جو نيم سامراجي ۽ نيم جاگيرداري سڀاءُ آهي) ۾، ڪابہ تبديلي ڪانہ آئي آهي، تڏهن بہ اهو عملي طريقو ويهن سالن کان بہ وڌ عرصي ۾ اوسر جي ڪيترن ئي منزلن يا ڏاڪن تان لنگهي چڪو آهي. ان عرصي دوران ڪيئي وڏا واقعا ٿي چڪا آهن. 1911ع واري انقلاب جي ناڪامي ۽ اتر وارن ويڙهاڪ سردارن جي حڪومت جو قيام، پهرين گڏيل قومي محاذ جو ٺهڻ ۽ 27 ـ 1924ع وارو انقلاب، گڏيل محاذ جو ٽٽڻ ۽ بورجوا طبقي جي انقلاب دشمن ڌانهن ڀاڄ، نون ويڙهو سردارن جون پاڻ ۾ جنگيون، زرعي انقلاب جي جنگ، ٻي گڏيل قومي محاذ جو قيام ۽ جپان خلاف بچاءَ ۽ اتڪاءَ جي جنگ، وغيره وغيره. هي منزلون ۽ ڏاڪا خاص رَوَشن جي نشاندهي ڪن ٿا: جهڙوڪ، ڪِن تضادن ۾ گهرائي ۽ اونهائي پيدا ٿيڻ (جيئن زرعي انقلاب واري ويڙهہ ۽ چئن اتر وارن صوبن تي جپان جي چڙهائي)، ڪن تضادن جو عارضي يا جزوي طرح حل ٿيڻ (جيئن تہ اتر وارن ويڙهو سردارن جو خاتمو ۽ اسان طرفان سندن زمينن جي ضبطي)، ۽ اجا ڪن ٻين تضادن جو نروار ٿيڻ (جيئن تہ نون ويڙهو سردارن جو پاڻ ۾ وڙهڻ، ۽ ڏکڻ ۾ اسان جي انقلابي اڏن جو کسجي وڃڻ کان پوءِ زميندارن جو وري زمين تي قبضو ڪرڻ).

ڪنهن شيءِ جي اوسر ۾ هر ڏاڪي يا منزل جي تضادن جي خصوصيتن يا نيارپن جي اڀياس ۾ اسان کي نہ رڳو انهن جي هڪٻئي سان لاڳاپن ۽ ناتن جو

مجموعي طور مشاهدو ڪرڻ ڪپي، پر اسان کي هر تضاد جي ٻنهي پهلوئن جي بہ چڪاس ڪرڻ گهرجي.

مثال طور ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ئي ڪٿي ڏسو. اچو تہ هڪ پهلوءَ تي سوچون، پهرين قومي گڏيل محاذ دوران ڪومنتانگ، سن يات سين جي ٽن وڏين اهم پاليسين کي اختيار ڪيو ۽ انهن تي عمل ڪيو، جيڪي هيون، روس سان اتحاد، ڪميونسٽ پارٽيءَ سان سهڪار ۽ تعاون، ۽ پورهيتن ۽ هارين جي مدد. ان ڪري اها انقلابي ۽ سگهاري هئي، اها جمهوري انقلاب لاءِ مختلف طبقن جو اتحاد هئي. سن 1927ع کان پوءِ ڪومنتانگ پاڻ کي پنهنجي ضد يا ابتڙ ۾ تبديل ڪيو ۽ جاگيردارن ۽ وڏن سرمائيدارن جو هڪ رجعت پرست بلاڪ ٿي پئي. ڊسمبر 1936ع واري سي آن واقعي کان پوءِ هن پاڻ ۾ هڪ ٻي تبديلي آندي، جا جپاني سامراج جي گڏيل مخالفت خاطر، گهرو لڙائي ختم ڪرڻ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ساٿ سهڪار جي سلسلي ۾ هئي. ٽن ڏاڪن يا منزلن تي ڪومنتانگ جون اهي مخصوص روشون رهيون آهن. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اهي روشون مختلف سبب ڪري وجود ۾ آيون. هاڻي ٻئي پهلوءَ تي اچو، يعني چيني ڪميونسٽ پارٽي. پهرين گڏيل اتحاد جي زماني ۾ ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي ٻالجتيءَ ۾ هئي. هن 27 ـ 1924ع واري انقلاب جي مڙسيءَ سان اڳواٽي ڪئي. پر ان (انقلاب) جي خاصيت، فرضن ۽ طريقن کي سمجهڻ ۾ نابالغيءَ جو مظاهرو ڪيو، شن توشزم لاءِ جا ان انقلاب جي پوئين عرصي ۾ ظاهر ٿي، اهو ممڪن ٿي پيو جو اها پنهنجو ڏاڪو جمائي وئي ۽ انقلاب لاءِ هار ۽ ناڪامي آندائين. 1927ع کان پوءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ مڙسيءَ سان زرعي انقلاب جي جنگ جي رهنمائي ڪئي ۽ انقلابي فوج ۽ انقلابي اڏا قائم ڪيا. پر تنهن هوندي بہ هن خطرناڪ جوکم واريون مهم جوئيون ڪيون، جن انقلابي اڏن ۽ انقلابي فوج، ٻنهي کي نقصان رسايو. 1935ع کان پوءِ پارٽي اهي غلطيون درست ڪيون آهن، ۽ جپان خلاف بچاءَ ۽ اتڪاءَ واري نئين گڏيل محاذ جي اڳواٽي ڪري رهي آهي. اها عظيم جدوجهد هاڻي وڌي ۽ اسري رهي آهي. اڄ هن منزل تي ڪميونسٽ پارٽي هڪ اهڙي پارٽي آهي جا ٻن انقلابن جي آزمائش مان نڪري، تجربي سان مالامال ٿي چڪي آهي. انهن ٽن منزلن يا ڏاڪن تي، ڪميونسٽ پارٽيءَ جون اهي مخصوص روشون رهيون آهن. اهي روشون پڻ ڏار ڏار سببن جي پيداوار آهن. انهن ٻن قسمن جي روَشن جي اڀياس کان سواءِ ٻنهي پارٽين جي اوسر جي مختلف منزلن

يا ڏاڪن دوران، انهن جي پاڻ ۾ مخصوص لاڳاپن ۽ ناتن: يعني، گڏيل محاذ جو قيام، اُن جو ٽٽڻ ۽ ٻيو گڏيل محاذ جو قيام، کي سمجهي نہ سگهنداسين. ٻنهي پارٽين جي مخصوص روشن جي اپياس لاءِ جا ڳالهہ اجا بہ وڌيڪ بنيادي ۽ اهم آهي، سا اها آهي تہ، ٻنهي پارٽين جي طبقاتي بنيادن ۽ انهن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل انهن تضادن جو اپياس ڪيو وڃي، جي مختلف دورن ۾ هر پارٽيءَ ۽ ٻين قوتن جي وچ ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن. مثال طور ڪميونسٽ پارٽيءَ سان پهرين سهڪار ۽ ساٿ دوران ڪومنتانگ پرڏيهي سامراج سان تضاد ۾ هئي ۽ ان ڪري سامراج دشمن هئي. ٻي پاسي اُها ملڪ اندر عظيم عوام سان بہ تضاد ۾ هئي: جيتوڻيڪ لفظي طرح هن پورهيت عوام کي گهڻن ئي فائدن ڏيڻ جا واعدا ڪيا هئا، پر ڏنو تمام گهٽ هو. ڪميونسٽن خلاف جنگ شروع ڪرڻ واري عرصي ۾ ڪومنتانگ عوام خلاف سامراج ۽ جاگيرداريءَ سان ٻڌجي ٻٽ ٿي وئي، ۽ اها ڪئي ڪمائي چٽ ڪري ڇڏي، جا هن انقلاب دوران ڪمائي هئي، ۽ اهڙيءَ ريت هن عوام سان پنهنجي تضادن ۾ گهرائي پيدا ڪري ڇڏي. جپان خلاف جنگ واري هلندڙ دور ۾ڪومنتانگ جپاني سامراج سان تضاد ۾ آهي، ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان سهڪار ۽ ساٿ جي خواهان آهي، ۽ ان لاءِ هو ڪميونسٽ پارٽيءَ يا عوام خلاف پنهنجي جدوجهد ۾، يا انهن تي ڏاڍ ۽ جبر ۾ نرمائي آڻڻ لاءِ آماده نہ آهي. جيتري قدر ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سوال آهي تہ ان سدائين، هر دور ۾، سامراج ۽ جاگيرداريءَ خلاف عوام جي طرفداري پئي ڪئي آهي. پر جپان خلاف جنگ واري هن دور ۾ اُن ڪومنتنگ ۽ ڏيهي جاگيرداري قوتن ڏانهن مناسب ۽ معتدل رويو اختيار ڪيو آهي، ڇو تہ ڪومنتانگ جپان خلاف بچاءَ ۽ اتڪاءَ جو اعلان ڪيو آهي. مٿين حالتن جو اهو نتيجو نڪتو آهي جو انهن ٻنهي پارٽين ۾ ڪڏهن اتحاد ٿو ٿئي تہ ڪڏهن ڇڪتاڻ، ايتريقدر جو اتحاد دوران بہ ساڳي ئي وقت اتحاد ۽ ڇڪتاڻ جي گاڏڙ ساڏڙ منجهيل صورت رهي ٿي. جي ڪڏهن اسان تضاد جي ٻنهي پهلوئن جي مخصوص روَشن جو اپياس نہ ڪنداسين، تہ نہ رڳو اسان هر پارٽيءَ جي ٻين قوتن سان ناتن ۽ لاڳاپن کي سمجهڻ ۾ ناڪام ويندياسين، پر ٻنهي پارٽين جي وچ وارن ناتن ۽ لاڳاپن کي بہ نہ سمجهي سگهنداسين.

سو اسان ڏٺوسين تہ ڪنهن بہ قسم جي تضاد جي خصوصيت يا نيارپ جي اپياس ڪرڻ ۾: مادي جي چرپر جي هر صورت يا شڪل ۾ سمايل تضاد، اُن جي اوسر جي هر عملي طريقي ۾ سمايل تضاد، عملي طريقي جي هر منزل يا ڏاڪي

تي تضاد، ۽ هر منزل ۽ ڏاڪي جي تضاد جا ٻئي پهلو: انهن سڀني جي اڀياس ڪرڻ ۾ اسان کي موضوعيت پسندي يا ظاهريت يا خيالي چڙواڳيءَ کان ڪم نہ وٺڻ گهرجي، پر ان جي ٺوس نموني ڇنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي. ٺوس تجزيي يا ڇنڊڇاڻ ذارن ڪنهن بہ تضاد جي خصوصيت يا نيارپ جي ڄاڻ نٿي ملي سگهي. اسان کي لينن جا اهي لفظ سدائين ياد رکڻ گهرجن: ٺوس حالتن جو ٺوس تجزيو.

مارڪس ۽ اينگلس ئي هيا جن پهريائين اسان کي اهڙي ٺوس تجزيي جا عمدا نمونا ۽ مثال مهيا ڪري ڏنا.

جڏهن مارڪس ۽ اينگلس سماجي ـ تاريخي عمل جي طريقي جي اڀياس ۾، شين سان تضاد جي قانون کي لاڳو ڪيو تہ هنن ڪيترين ئي ڳالهين جو پتو پاتو. هنن پيداواري قوتن ۽ پيداواري ناتن جي وچ ۾ تضاد جو پتو لڳايو، هنن پيڙيندڙ ۽ پيڙيل طبقن جي وچ ۾ تضاد جو پتو لڳايو، ۽ انهن تضادن جي نتيجي ۾، اقتصادي بنياد ۽ ان جي مٿاهين ڍانچي (سياست ۽ نظريو وغيره) جي وچ ۾ پيدا ٿيل تضاد جو پتو لڳايو. هنن اهو بہ پتو لڳايو تہ ڪيئن نہ اهي تضاد اڻ ٽر طور، مختلف قسمن جي طبقاتي سماجن ۾ مختلف قسم جي طبقاتي انقلابن آڻڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

جڏهن مارڪس ان قانون کي سرمائيداراڻي سماج جي اقتصادي ڍانچي جي مطالعي تي لاڳو ڪيو، تہ هن اهو معلوم ڪيو تہ ان سماج جو بنيادي تضاد، پئداوار جي سماجي خاصيت ۽ ملڪيت جي خانگي خاصيت جي وچ وارو تضاد آهي. اهو تضاد، انفرادي ادارن ۾ پيداوار جي منظم خاصيت يا ڪردار (Character) ۽ پوري سماج ۾ پيداوار جي غيرمنظم خاصيت جي وچ ۾ تضاد جي روپ ۾ پڌرو ٿئي ٿو. طبقاتي لاڳاپن جي لحاظ کان اهو وري بورجوا طبقي ۽ پرولتاري طبقي جي وچ ۾ تضاد جي شڪل ۾ پڌرو ٿئي ٿو.

جيئن تہ شين جي پهچ جي حد گهڻي وڏي ۽ پکڙيل ٿئي ٿي ۽ انهن جي اوسر ۽ واڌ جي ڪا حد نہ هوندي آهي، ان ڪري جا ڳالهہ هڪ قسم جي حالتن ۾ آفاقي يا ڪُلي ٿئي ٿي، سا ٻئي قسم جي حالتن ۾ خصوصي ۽ نياري ٿيو پوي. اهڙيءَ طرح جا ڳالهہ هڪ قسم جي حالتن ۾ خصوصي ۽ نياري آهي، سا ٻي قسم جي حالتن ۾ آفاقي يا ڪُلي ٿيو پوي. سرامائيداري سرشتي ۾ پيداوار جي سماجي خاصيت يا ڪردار ۽ پيداوار جي وسيلن جي خانگي يا نجي مالڪيءَ جو تضاد آهي، اهو انهن سڀني ملڪن ۾ مشترڪ طور موجود آهي جتي سرمائيداري موجود آهي

۽ وڏي ويجهي رهي آهي. جيتريقدر سرمائيداريءَ جو تعلق رهي ٿو، تيستائين تہ اها تضاد جي آفاقيت يا ڪليت آهي. پر سرمائيداريءَ جو اهو تضاد طبقاتي سماج جي عام اوسر ۽ واڌاري جي هڪ خاص تاريخي ڏاڪي يا منزل سان واسطو رکي ٿو. جتريقدر عام طبقاتي سماج ۾ پيداواري قوتن ۽ پيداواري ناتن جي وچ ۾ تضاد جو سوال آهي، تہ اها تضاد جي خصوصيت يا نيارپ آهي. بهرحال سرمائيداراڻي سماج جي انهن مڙني تضادن جي خصوصيت جي وڍ ڪٽ ڪندي، مارڪس، عام طبقاتي سماج ۾ پيداواري قوتن ۽ پيداواري ناتن جي وچ ۾ تضاد جي آفاقيت يا ڪليت جي اجا بہ وڌيڪ اونهي، وڌيڪ مناسب ۽ وڌيڪ پوري پوري وياکاڻ ڪئي آهي.

جيئن تہ نيارو يا خاص آفاقي يا ڪليءَ سان گڏيل آهي، ۽ جيئن تہ هر شيءِ ۾ تضاد جي خصوصيت توڙي آفاقيت پيدائشي طور موجود آهن، ۽ آفاقيت خصوصيت ۾ پنهان هوندي آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ، ڪنهن بہ شيءِ جي اڀياس وقت ان جي خاص ۽ آفاقي، ٻنهي، ۽ انهن ٻنهي جي هڪٻئي سان لاڳاپن معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون؛ خود ان شيءِ جي اندر جي خصوصيت ۽ آفاقيت جي، ٻنهي جي هڪٻئي سان ٻطرفن لاڳاپن جي پتي لڳائڻ جي ڪوشش بہ ڪريون؛ ۽ ان شيءِ جي ٻاهرين ڪيترن ئي شين سان ٻطرفن لاڳاپن ڳولڻ جي بہ ڪوشش ڪريون. جڏهن اسٽالن پنهنجي مشهور تصنيف "لينن ازم جو بڻ بنياد" ۾ لينن ازم جي تاريخي بنيادن جي وضاحت ڪئي تہ هن ان بين الاقوامي صورتحال جو تجزيو ڪيو جنهن ۾ لينن ازم جنم ورتو، سرمائيداريءَ جي انهن تضادن جي چنڊڇاڻ ڪئي جي سامراجيت هيٺ چوٽيءَ کي رسي چڪا هئا، ۽ ڏيکاريو تہ ڪيئن انهن تضادن پرولتاري انقلاب کي هڪ ترت ۽ تڪڙو اپاءُ بڻائي ڇڏيو، ۽ سرمائيداريءَ تي سڌي سنئين يلغار ڪرڻ لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪيون. ان کان وڌيڪ هن انهن سببن جو تجزيو ڪيو تہ ڇو روس لينن ازم جي پرورش جو پينگهو بڻيو، ڇو زار وارو روس سامراج جي مڙني تضادن جو مرڪز بڻيو، ۽ روسي پرولتاري لاءِ، بين الاقوامي پرولتاريءَ جو، هِريون جٿو بڻجڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو. اهڙيءَ ريت اسٽالين سامراجيت ۾ تضاد جي آفاقيت جو تجزيو ڪندي، اهو ٻڌايو تہ ڪيئن لينن ازم، سامراجي ۽ پرولتاري دور جي، مارڪسزم ٿي پئي آهي. ساڳي ئي وقت هن ان عام تضاد اندر زارشاهي روسي سامراج جي خصوصيت جو بہ تجزيو ڪندي ڏيکاريو تہ، روس پرولتاري انقلاب جي نظريي جو

جنم استان چو ٻڌيو، ۽ تہ ڪيئن تضاد جي آفاقيت ان خصوصيت ۾ سمايل آهي. اسٽالين جو اهو تجزيو اسان لاءِ تضاد جي خصوصيت ۽ آفاقيت ۽ انهن جي باهمي لاڳاپن کي سمجهڻ لاءِ هڪ مثالي نمونو مهيا ڪري ٿو.

معروضي لقاءَ يا شيءِ جي اڀياس ۾ جدليات جي واهپي جي سوال تي، مارڪس ۽ اينگلس، ۽ اهڙي طرح لينن ۽ اسٽالين پڻ، ماڻهن کي سدائين اها راهہ ٻڌائي آهي تہ ڪنهن بہ طرح موضوعيت پسند ۽ راءِ ۾ ڇڙواڳ يا هوٺرا نہ ٿين؛ پر ان لقاءَ جي حقيقي معروضي يا باطني چرپر جي نوس حالتن مان ان جي نوس تضادن، هر تضاد جي هر پهلوءَ جي نوس حيثيت، ۽ تضادن درميان نوس لاڳاپن جو پتو لڳائين. پر اسان جي عقيدي پرستن جو مطالعي وقت اهو رويو نٿو رهي، ان ڪري هو ڪڏهن بہ صحيح نتيجي تي نٿا پهچي سگهن. اسان کي انهن جي ناڪامين مان سبق سکڻ گهرجي ۽ اهو رويو اختيار ڪرڻ جو عزم ڪرڻ گهرجي، جو اڀياس جو واحد صحيح رويو آهي.

تضاد جي آفاقيت ۽ خصوصيت ۾ لاڳاپو، دراصل تضاد جي عام خاصيت ۽ منفرد خاصيت جي وچ ۾ لاڳاپي جو ٻيو نالو آهي. پهرين مان مراد آهي تہ تضاد مڙني عملي طريقن ۾، شروع کان توڙ تائين موجود ۽ جاري ساري رهي ٿو، چرپر، شيون، عمل جا رستا، سوچ، اهي سڀ تضاد آهن. تضاد کان انڪار ڪرڻ هر شيءِ کان انڪار ڪرڻ برابر آهي. اهو مڙني ملڪن ۽ مهلن لاءِ هڪ آفاقي يا ڪلي سچ آهي، ۽ ان کان ڪوبہ ملڪ آجو ۽ ڪابہ مهل پالهي نہ آهي. اها ئي تضاد جي عام خاصيت يا مطلقيت آهي. پر اها عام خاصيت هر انفرادي خاصيت ۾ سمايل هوندي آهي. انفرادي خاصيت کان سواءِ ڪابہ عام خاصيت نٿي ٿي سگهي. جي سڀ انفرادي خاصيتون ختم ڪيون وڃن تہ باقي عام خاصيت ڪهڙي بچندي؟ ڇاڪاڻ تہ هر تضاد خاص يا نيارو هوندو آهي، ان ڪري انفرادي خاصيت نروار ٿئي ٿي. انفرادي خاصيت سڄي ساري مشروط ۽ عارضي وجود رکي ٿي، ان ڪري اها نسبتي يا اضافي ٿئي ٿي.

عام خاصيت ۽ انفرادي خاصيت بابت هيءُ سچ، مطلقيت يا نسبتي هئڻ بابت اهو سچ، دراصل شين ۾ تضاد جي مسئلي جو ست يا لب لباب آهي؛ ۽ اُن کي سمجهڻ ۾ قصورواري يا ناڪامي، جدليات کان منهن موڙڻ برابر آهي.

★

(4)

# مکيہ تضاد ۽ تضاد جو مکيہ پهلو

## (The Principal Contradiction and the Principal Aspect of a Contradiction)

تضاد جي خصوصيت يا نيارپ جي مسئلي ۾ اجا بہ بہ نکتا اهڙا آهن، جن کي تجزيي يا ڇنڊڇاڻ لاءِ، الڳ ڪري ڏسڻ ضروري آهي. اهي آهن، مکيہ تضاد ۽ تضاد جو مکيہ پهلو.

ڪنهن منجهيل شيءِ جي اوسر جي عمل ۾ ڪيترا ئي تضاد ٿين ٿا؛ ۽ انهن مان هڪ لازمي طور، مکيہ تضاد هوندو آهي، جنهن جو هجڻ ۽ وڌڻ ٻين تضادن جي وجود ۽ واڌ ڪرڻ کي متعين يا متاثر ڪري ٿو.

مثال طور سرمائيداري سماج ۾، ٻہ متضادي قوتون، پرولتاري ۽ بورجوا طبقا، مکيہ تضاد ٿين ٿا. ٻيا تضاد بہ ان مکيہ تضاد سان متعين ٿين ٿا ۽ ان کان متاثر ٿين ٿا. اهي غيرمکيہ تضاد آهن، رهيل کهيل جاگيردار طبقي ۽ بورجوا طبقي جي وچ ۾ تضاد، هاري پيٽي بورجوا طبقي ۽ بورجوا طبقي جي وچ ۾ تضاد، پرولتاري ۽ هاري پيٽي بورجوا طبقي جي وچ ۾ تضاد، غيرهڪ هٽي سرمائيدار ۽ هڪ هٽي سرمائيدار جي وچ ۾ تضاد، بورجوا فاشزم ۽ بورجوا جمهوريت جي وچ ۾ تضاد، سرمائيدار ملڪن درميان تضاد، سامراج ۽ ٻينڪن جي وچ ۾ تضاد، وغيره وغيره.

نيم ٻينڪي ملڪ، جهڙوڪ چين، ۾ مکيہ تضاد ۽ غيرمکيہ تضادن جي وچ ۾ لاڳاپا هڪ منجهيل ۽ گڙٻڙ واري تصوير پيش ڪن ٿا.

جڏهن سامراج اهڙي ڪنهن ملڪ خلاف اڳرائيءَ واري جنگ شروع ڪري، تہ ان جا سڀ ڌار ڌار طبقا، سواءِ چند غدارن جي، عارضي طور سامراج خلاف قومي جنگ ۾ گڏجي ٿا وڃن. ان مهل سامراج ۽ ان ملڪ وچ ۾ تضاد مکيہ

تضاد بڻجيو پوي، ۽ ملڪ اندر سڀ طبقن اندر سڀ تضاد (جنهن ۾ مکيہ تضاد، جاگيرداري سرشتي ۽ عظيم عوام درميان تضاد، بہ اچي وڃي ٿو) عارضي طور بئي درجي ۽ زيردستيءَ واري حيثيت تي ٿي ٿا وڃن بيهن. چين ۾ 1840ع واري آفيم جي جنگ، 1894ع واري چين ـ جپان جنگ، ۽ 1900ع واري يي هوتوان جنگ ۾ بہ ائين ٿيو هيو، ۽ هلندڙ چين ـ جپان جنگ ۾ بہ ائين ٿي رهيو آهي. پر ٻيءَ حالت ۾ تضاد حيثيت بدلائين ٿا. جڏهن سامراج پنهنجو استحصال ۽ قرمار جنگ رستي نہ پر ٻين نرم ۽ مانڻ رستن، جهڙوڪ، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي، سان جاري رکندو آهي، تہ نيم ٻينڪي ملڪن جا حاڪم طبقا سامراج جا مطيع يا ٻڌا ٻانها ٿي ويندا آهن، ۽ ٻئي گڏجي عوام کي پيڙڻ ۽ قرڻ لاءِ پاڻ ۾ ايڪو ڪندا آهن. اهڙي وقت عوام اڪثر سامراج ۽ جاگيردار طبقن جي ٻڌي ۽ ايڪي خلاف گهرو لڙائيءَ تي پاڙيندا آهن. ان حالت ۾ سامراج عوام کي پيڙڻ جي سلسلي ۾، نيم ٻينڪي ملڪن جي رجعت پرستن کي مدد ڪرڻ لاءِ سڌن قدمن کڻڻ بجاءِ، گهڻو ڪري اڻ سڌا طريقا اختيار ڪندو آهي، اهڙي ريت اندروني تضاد خاص ڪري گهرا ۽ تيز ٿي ويندا آهن. چين ۾ 1911ع واري انقلاب جي جنگ، 27 ـ 1924ع واري انقلابي جنگ، 1937ع کان پوءِ زرعي انقلابي جنگ جي ڏهن سالن ۾ بہ اهو ڪجھ ئي ٿيو. نيم ٻينڪي ملڪن جي ڌار ڌار رجعت پسند حاڪم ٽولن درميان جنگيون، مثلاً چين ۾ جنگي سردارن درميان لڙايون، ان زمري ۾ اچي وڃن ٿيون.

جڏهن انقلابي گهرو لڙائي ترقي ڪري اهڙي منزل کي رسندي آهي، جو سامراج ۽ اُن جي پالتو ڪتن، يعني گهرو رجعت پسندن جي وجود لاءِ خطرو ٿي پوندي آهي، تہ سامراج پنهنجي راڄ ۽ چگهڙسي قائم رکڻ لاءِ اڪثر ٻيا طريقا اختيار ڪندو آهي. هو يا تہ انقلابي محاذن ۾ اندر ئي اندر ڦوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، يا ملڪي رجعت پسندن جي مدد لاءِ سڌو سنئون پنهنجون فوجون موڪلي ڏيندو آهي. ان مهل پرڏيهي سامراج ۽ ڏيهي رجعت پسند هڪ پاسي هوندا آهن تہ عوام ٻي پاسي. اهڙيءَ ريت اهو هڪ مکيہ تضاد ٺهي پوندو آهي، جيڪو ٻين تضادن جي اوسر يا واڌ کي متعين ۽ متاثر ڪندو آهي. آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ، مختلف سرمائيدار ملڪن جا روس جي رجعت پسندن کي مدد ڏني، سا هٿياربند مداخلت جو هڪ نمونو آهي. 1927ع ۾ چيانگ ڪائي شيڪ جي غداري، انقلابي محاذ ۾ ڦوٽ وجهڻ جو مثال آهي.

پر ڇا بہ ٿئي، ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ، ڪنهن بہ عمل جي طريقي جي اوسر يا واڌ جي هر منزل يا ڏاڪي تي مکيہ تضاد رڳو هڪ هوندو آهي، جو رهنما ڪردار ادا ڪري ٿو.

ان ڪري، جيڪڏهن ڪنهن عمل جي طريقي ۾ ڪيترا ئي تضاد آهن، تہ انهن مان هڪ ضرور مکيہ تضاد هوندو آهي، جو رهنما ۽ فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪندو آهي، ۽ باقي ٻيا ٻي درجي ۽ زيردست حيثيت وارا هوندا آهن. تنهنڪري، ڪنهن بہ اهڙي منجهيل طريقي جي مطالعي ڪرڻ مهل، جنهن ۾ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ تضاد هجن، اسان کي مکيہ تضاد لهڻ لاءِ هر ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هڪ دفعو اهو مکيہ تضاد هٿ اچي ويو تہ سڀ مسئلا ترت ئي حل ڪري سگهبا. مارڪس سرمائيداري سماج جي اڀياس دوران اسان کي اهو ئي طريقو سيکاريو آهي. ساڳيءَ ريت لينن ۽ اسٽالين بہ سامراجيت ۽ سرمائيداريءَ جي عام بحرانن يا گهوٽالن جي اڀياس ڪرڻ ۽ سوويت اقتصاديات جي مطالعي ڪرڻ ۾ اسان کي اهو ئي طريقو سيکاريو آهي. هزارين عالم ۽ باعمل شخص اهڙا آهن جي ان طريقي کي نٿا سمجهن، ۽ نتيجي ۾ گمراهہ ٿي، اوندهہ ۾ رهجي وڃن ٿا، ۽ مسئلي جي تـوڙ تي رسڻ جهڙا نٿا ٿين. قدرتي طرح ان جي تضادن کي حل ڪرڻ جو رستو نٿا لهي سگهن.

اسان چئي آيا آهيون تہ عمل جي طريقي دوران مڙني تضادن کي هڪجهڙو نہ سمجهڻ گهرجي، پر مکيہ تضاد ۽ ٻي درجي جي تضاد ۾ فرق ڪرڻ گهرجي، ۽ خاص ڌيان ڏئي مکيہ تضاد کي پروڙڻ گهرجي. ڏسڻو اهو آهي تہ آيا ڪنهن بہ تضاد ۾، مکيہ توڙي ثانوي، ٻنهي تضادي پهلوئن کي هڪجهڙو سمجهڻ گهرجي؟ جواب وري بہ نہ ٿيندو. ڪنهن بہ تضاد ۾ تضادي پهلوئن جي اوسر يا ترقي هڪ ڪري يا هڪجهڙي نہ هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهي (ٻئي پهلو) هڪجهڙا ڏيکاربا يا نگاهبا آهن، پر اها حالت عارضي ۽ نسبتي هوندي آهي، جڏهن تہ غيربرابري انهن ۾ بنيادي ۽ دائمي هوندي آهي. ٻن تضادي پهلوئن مان هڪ لازمي طرح مکيہ هوندو آهي ۽ ٻيو ٻئي درجي جو. مکيہ پهلو اهو آهي جو تضاد ۾ رهنما ڪردار ادا ڪري ٿو. ڪنهن بہ شيءَ جي خاصيت يا سڀاءُ گهڻو ڪري تضاد جو اصل پهلو نبيريندو آهي، يعني اهو پهلو جيڪو بالائي حيثيت ماٺي چڪو هوندو آهي.

پر اها صورت دائمي يا اٽل نہ هوندي آهي. تضاد جو مکيہ ۽ غيرمکيہ پهلو هڪٻئي ۾ مٽبا ۽ بدلبا رهندا آهن، ۽ ان پٽاندر شيءِ جي خاصيت بہ بدلبي رهندي

آهي. ڪنهن هڪ عمل جي طريقي يا منزل تي جي ڪڏهن الف مکيہ پهلو آهي ۽ ب غيرمکيہ پهلو آهي، تہ ڪنهن ٻيءَ منزل يا ڏاڪي تي انهن جو ڪردار ۽ حيثيت ابتڙ ٿي ويندو، يعني الف غيرمکيہ پهلو ٿي پوندو تہ ب مکيہ پهلو. اها تبديلي يا مٽ سٽ، شيءِ جي اوسر يا ترقيءَ دوران، هڪ پهلوءَ جي ٻي پهلوءَ سان چڪتاڻ ۽ جدوجهد ۾، ان پهلوءَ جي سگهہ ۾ گهٽتائيءَ يا واڌ جي ڪري نبيرجي ٿي يا ظاهر ٿئي ٿي.

اسان اڪثر ”پراڻي جي جاءِ تي نئين جي اچڻ“ جي ڳالهہ ڪندا آهيون. پراڻي جي جاءِ تي نئين جو اچڻ ڪائنات جو عام، ازلي ۽ اڻ ٽر قانون آهي. ڪنهن هڪ شيءِ جو، سندس جوهر يا ٻاهرين حالتن پٽاندر مختلف قسم جي ڇلانگن رستي، ٻيءَ شيءِ ۾ تبديلي يا مٽجڻ ئي پراڻي جي جاءِ تي نئين جي اچڻ جو عملي طريقو آهي. هر شيءِ اندر، ان جي پراڻي ۽ نئين درميان تضاد هوندو آهي، جيڪو ڇڪتاڻ ۽ جدوجهد جي هڪ وروڪڙدار سلسلي کي جنم ڏيندو آهي. انهن ڇڪتاڻين جي نتيجي ۾ نئون پهلو ننڍي مان متجي وڏو ٿي ويندو آهي ۽ بالا حيثيت ماڻيندو آهي، جڏهن تہ پراڻو پهلو وڏي مان متجي ننڍو ٿي ويندو آهي ۽ هوريان هوريان ختم ٿي ويندو آهي. جنهن گهڙيءَ نئون پهلو پراڻي تي بالادستي يا فوقيت حاصل ڪري ويندو آهي، تہ پراڻي شيءِ وصفي طور (Qualitatively) نئين شيءِ ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. سو اسان ڏٺوسين تہ شين جي خاصيت، وصف يا فطرت جو نبيرو يا تعين گهڻو ڪري تضاد جي مکيہ پهلوءَ رستي ٿئي ٿو، جو بالادستي يا فوقيت وارو ٿي چڪو هوندو آهي. جڏهن بالادستي يا فوقيت وارو مکيہ پهلو متجي ٿو يا تبديل ٿئي ٿو تہ ان پٽاندر شيءِ جي خاصيت يا فطرت بہ بدلجي ٿي.

سرمائيداري سماج ۾ سرمائيداريءَ، پراڻي جاگيرداري دور واري زيردست قوت هجڻ واري حيثيت بدلائي بالادست قوت واري حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي، ۽ ان پٽاندر سماج جي خاصيت يا فطرت بہ جاگيرداراڻي مان بدلجي سرمائيداراڻي ٿي وئي آهي. نئين سرمائيداري دور ۾ جاگيرداري قوتون پنهنجي اڳين بالادست مان متجي زيردست حيثيت ۾ اچي وڃن ٿيون، ۽ هوريان هوريان ختم ٿينديون پيون وڃن. اهو ئي مثال برطانيہ ۽ فرانس ۾ ملي ٿو. پيداواري قوتن جي اوسر ۽ ترقيءَ سان گڏوگڏ بورجوا طبقو ترقي پسند ڪردار ادا ڪرڻ واري نئين طبقي مان بدلجي رجعت پسند ڪردار ادا ڪرڻ وارو پراڻو طبقو ٿو ٿي پوي، تان جو پرولتاري ان جو تختو اونڌو ڪري ٿو، ۽ اُهو اهڙو طبقو ٿي ٿو رهجي

وجي، جو ملڪيت جي نجي پيداواري وسيلن کان نرهو ۽ اقتدار کان ٻاهر تي ٿو وجي، ۽ پوءِ هوريان هوريان اهو به ختم ٿي ٿو وجي. پرولتاري، جو تعداد ۾ بورجوا کان گهٽ آهي ۽ بورجوا سان گڏوگڏ، پر ان جي حاڪميءَ هيٺ اسري ۽ اپري ٿو، هڪ اهڙي نئين قوت آهي، جا منڍ ۾ جيتوڻيڪ بورجوا طبقي جي ماتحتيءَ ۾ هوندي آهي، پر هوريان هوريان سگهاري ٿيندي ويندي آهي، ۽ تاريخ ۾ رهنما ڪردار ادا ڪرڻ وارو هڪ آزاد طبقو بڻجي پوندو آهي، ۽ نيٺ اقتدار تي قبضو ڪري حاڪم طبقو ٿي پوندو آهي. اتي سماج جي خاصيت يا فطرت تبديل ٿي وجي ٿي، پراڻو سرمائيداري سرشتو نئون سوشلسٽ سرشتو بڻجي پوي ٿو. اها ئي راهه آهي جا سوويت يونين اڳ ئي اختيار ڪري چڪي آهي، ۽ دنيا جا ٻيا ملڪ به آخر اختيار ڪندا.

مثال طور چين کي ڏسو. جنهن تضاد چين کي نيم بينڪي حالت ۾ آڻي بيهاريو آهي، ان ۾ سامراج کي مکيه حيثيت حاصل آهي، اهو چين کي پيڙي ۽ ڦري رهيو آهي، ۽ چين هڪ آزاد ملڪ مان بدلجي وجي هڪ نيم بينڪي ملڪ بڻجي ويو آهي. پر معاملي جي اها صورتحال لازمي طور بدلبي. ٻنهي ڌرين درميان ڇڪتاڻ ۽ جدوجهد ۾ چيني عوام جي قوت، جا پرولتاري اڳواڻيءَ هيٺ وڌي ۽ اسري رهي آهي، لازماً چين کي نيم بينڪ مان هڪ آزاد ملڪ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي. ان وقت سامراج جو تختو اونڌو ٿي ويندو ۽ پراڻو چين لازمي طرح نئين چين ۾ تبديل ٿي ويندو.

پراڻي چين جي نئين چين ۾ مٽجڻ جي عمل دوران، ملڪ اندر پراڻي جاگيرداري قوتن ۽ نئين عوامي قوتن جي هڪٻئي سان لاڳاپن ۾ به تبديلي اچي وجي ٿي. پراڻي جاگيردار زميندار طبقي جو تختو اونڌو ڪيو ويندو، ۽ اُهو حاڪم مان ڦري محڪوم ٿي پوندو، ۽ پوءِ هوريان هوريان ختم ٿي ويندو. پرولتاري اڳواڻيءَ هيٺ عوام محڪوم مان ڦري حاڪم ٿي پوندو. ان سان چيني سماج جي خاصيت، فطرت يا سڀاءُ به بدلجي ويندو؛ پراڻو نيم بينڪي ۽ نيم جاگيرداري سماج بدلجي هڪ نئون جمهوري سماج ٿي پوندو.

اهڙي ٻه طرفي ۽ باهمي تبديليءَ جا مثال اسان جي ماضيءَ جي تجربي ۾ به ملن ٿا. چنگ گهراڻي جو تختو، جنهن چين تي اٽڪل ٽي سؤ سال حڪومت ڪئي، 1911ع واري انقلاب ۾ اونڌو ڪيو ويو، ۽ انقلابي "تنگ مئنگ هئن" سن يات سين جي رهنمائي هيٺ ڪجهه وقت لاءِ سوڀاري ۽ ڪامياب رهي. 27 ـ 1924ع واري

انقلابي جنگ ۾ ڏکڻ ۾ ڪميونسٽ ـ ڪومنتناگ اتحاد جون انقلابي قوتون هيٺين سان سگهاريون ٿي پيون ۽ اترين حملن ۾ سوڀاريون ٿيون، ۽ جڏهن تہ اتر جي جنگي سردارن جو، جي ڪڏهن اڃي ڪاري جا مالڪ هوندا هئا، تختو اونڌو ڪيو ويو. 1927ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواٽيءَ هيٺ ڪنيون ٿيل عوامي قوتون، ڪومنتناگ ۽ رجعت پسندن جي حملن سبب، ڳاٽاٽي ۾ گهٽجي ويون، پر پنهنجن صفن مان موقعي پرستيءَ جي پاڙ پٽڻ سان، اهي وري آهستي آهستي اُڀري ۽ وڏي آيون. ڪميونسٽ اڳواٽيءَ هيٺ، انقلابي اڏن وارن علائقن ۾ هاري محڪوم مان قري حاڪم ٿي پيا آهن، ۽ زميندارن جي حيثيت قري اُن جي ابتڙ ٿي وئي آهي. دنيا ۾ سدا ڪان ائين ٿيندو پيو اچي. پراڻي جي جاءِ نئون وٺندو آهي، ۽ پراڻو نئين لاءِ جاءِ ڇڏي ويندو آهي، نئين کي جڳهہ ڏيڻ لاءِ پراڻو ختم ٿي ويندو آهي، ۽ پراڻي مان نئون اُڀري نسري ايندو آهي.

انقلابي جدوجهد دوران ڪن موقعن تي، اٽايون حالتون ۽ ڏکايون سٺاين حالتن کان وڏي يا ڳريون ٿي پونديون آهن، ۽ ان ڪري اهي تضاد جو مکيہ پهلو ٿي پونديون آهن ۽ سٺايون حالتون ثانوي يا ٻئي درجي جو پهلو ٿي پونديون آهن. پر پنهنجي ڪوشش سان انقلابي هوريان هوريان ڏاکي بہ ڏاکي پنهنجي ڏکاين ۽ تڪليفن کي وس ڪري سگهن ٿا، ۽ هڪ نئين سٺائي صورتحال پيدا ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ ريت اٽائي صورتحال سٺائي صورتحال لاءِ جڳهہ ڇڏي ڏئي ٿي. 1927ع ۾ چيني انقلاب جي ناڪاميءَ بعد، ۽ چيني سرخ فوج جي ڏگهي مارچ (Long March) دوران بہ ائين ئي ٿيو. جاري چين ـ جپان جنگ ۾ چين وري ڏکي يا اٽائي حالت ۾ آهي، پر اسان اها حالت بدلي سگهون ٿا، ۽ بنيادي طرح، چين ۽ جپان جي حالتن کي هڪٻئي جي حالتن ۾ مٽائي سگهون ٿا. ان جي ابتڙ جيڪڏهن انقلابي غلطيون ڪن تا تہ سٺايون حالتون اٽاين ۾ مٽجي سگهن ٿيون. ان طرح ئي 27 ـ 1924ع واري انقلابي سوڀ هار ۾ تبديل ٿي وئي. 1927ع بعد ڏاکڻ علائقن ۽ صوبن ۾ جيڪي انقلابي اڏا قائم ٿيا، سي سڀ 1934ع تائين هار يا شڪست جو شڪار ٿي ويا.

ڪنهن بہ مطالعي جي عمل دوران بہ اڻڄاڻائيءَ کان ڄاڻ جي سفر ۾، تضاد سان اهو نيم يا ڳالهہ لاڳو ٿئي ٿي. مارڪسزم جي مطالعي جي اوائل ۾ مارڪسزم کان اڻڄاڻائي يا ٿوري ٿوري ڄاڻ مارڪسزم جي ڄاڻ سان تضاد ۾ هوندي آهي. پر ان عمل ۾ اورچائيءَ سان اڀياس رستي اڻڄاڻائي کي ڄاڻ ۾، ٿوريءَ ڄاڻ کي گهڻي ڄاڻ

۾، ۽ مارڪسزم کي لاڳو ڪرڻ ۾ جهالت کي مهارت ۾ مٽائي يا بدلائي سگهجي ٿو.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ ڪن تضادن جي حالت ۾ اها ڳالهہ صحيح يا درست نٿي ٿئي. مثال طور، پيداواري قوتن ۽ پيداواري ناتن درميان تضاد ۾ پيداواري قوتون مکيہ پهلو آهن؛ نظريي ۽ عمل درميان تضاد ۾، عمل مکيہ پهلو آهي؛ اقتصادي بنياد ۽ مٿاهين ڍانچي درميان تضاد ۾، اقتصادي بنياد مکيہ پهلو آهي، ۽ انهن جي پنهنجي حيثيت ۾ ڪابہ تبديلي نٿي اچي. اهو مشيني مادي نظريو آهي، نہ ڪي جدلياتي مادي نظريو. اهو صحيح آهي تہ پيداواري قوتون عمل ۽ اقتصادي بنياد مکيہ ۽ فيصلي ڪن ڪردار ادا ڪن ٿا، ۽ جيڪو بہ انهن کان انڪار ٿو ڪري سو مادي پرست نہ آهي. پر ڳڻوڳڏ اهو بہ مڃڻو پوندو تہ ڪن حالتن ۾ اهڙا پهلو، جهڙوڪ پيداواري ناتا، نظريو ۽ مٿاهون ڍانچو، پاڻ کي موٽ ۾ مکيہ ۽ فيصلہ ڪن ڪردار جي صورت ۾ پڌرو ڪن ٿا. جڏهن پيداواري قوتن لاءِ، پيداواري ناتن ۾ تبديلي آڻڻ ڌاران، وڌڻ يا اُسرڻ اڻ ٿيڻي ٿيو پوي، تڏهن پيداواري ناتن ۾ تبديلي مکيہ ۽ فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪري ٿي. اهڙي موقعي مهل ۾ انقلابي نظريي جي تخليق ۽ تبليغ مکيہ ۽ فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪن ٿا، جن لاءِ لينن چيو آهي، ”انقلابي نظريي ڌاران ڪابہ انقلابي هلچل نٿي ٿي سگهي.“ [15] جڏهن ڪوبہ ڪم، ڪٿي ڪهڙو بہ هجي، پورو ڪرڻو هوندو آهي، پر ان لاءِ ڪابہ سونهين راهہ، طريقو، رٿا يا پاليسي مقرر نہ هوندي آهي، تہ ان حالت ۾ مکيہ ۽ فيصلہ ڪن ڳالهہ اها هوندي آهي تہ سونهين راهہ، طريقي، رٿا يا پاليسيءَ بابت فيصلو ڪيو وڃي. جڏهن مٿاهون ڍانچو (سياست، ثقافت وغيره) اقتصادي بنياد جي اوسر يا ترقيءَ ۾ رنڊڪ يا روڪ ثابت ٿئي ٿي تہ سياسي ۽ ثقافتي تبديليون مکيہ ۽ فيصلہ ڪن ٿيو پون. ڇا ائين چئي اسان ماديت جي خلاف پيا وڃون؟ نہ. ڇاڪاڻ تہ جڏهن اسين مڃيون ٿا تہ تاريخ جي عمومي اوسر ۾ مادو ذهن جو تعين ڪري ٿو، ۽ سماجي وجود سماجي شعور جو تعين ڪري ٿو، تہ ڳڻوڳڏ ساڳي وقت اهو بہ مڃيون ٿا، ۽ مڃڻ بہ گهرجي، تہ ذهن جو مادي شين تي، سماجي شعور جو سماجي وجود تي ۽ مٿاهين ڍانچي جو اقتصادي بنياد تي ردعمل ٿئي ٿو. اها ڳالهہ ماديت يا مادي پرستيءَ جي خلاف يا ابتڙ نہ آهي؛ پر جيڪو سو مشيني ماديت کي درگذر ڪري ٿي ۽ جدلياتي ماديت کي ٺٺو بک وجهي ڪٽي بيهي ٿي.

تضاد جي خصوصيت يا نيارپ جي اپياس ۾ جيستائين اسان انهن ٻن نڪتن، عمل جي طريقي ۾ مکيہ ۽ غيرمکيہ تضاد، تضاد جو مکيہ ۽ غيرمکيہ پهلو، جي چڪاس نہ ڪنداسين، يعني جيستائين تضاد جي انهن ٻن نڪتن جي فرق واري خاصيت جي چڪاس نہ ڪنداسين، تيستائين اٽڪلپچو ۽ گمراهيءَ جي گپ ۾ گتل رهنداسين، تضاد ڪي نوس نموني سمجهڻ جي اهل نہ ٿينداسين، ۽ نتيجي ۾ ان کي حل ڪرڻ لاءِ صحيح طريقي ڳولڻ جي قابل نہ ٿينداسين. تضاد جي انهن ٻن نڪتن جي نيارپ ۽ خاصيت انهن قوتن جي غيربرابري يا اڻ هڪجهڙائي ڏيکاري ٿي، جي پاڻ ۾ تضاد ۾ آهن. هن دنيا ۾ ڪابہ شيءِ بلڪل هڪ ڪري يا برابريءَ ۾ اوسر يا واڌ نٿي ڪري. اسان کي هڪ ڪري واڌ يا اوسر يا برابري واري نظريي جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. ان کان سواءِ تضاد جون اهي نوس خوبيون، تضاد جي اوسر دوران ان جي مکيہ ۽ غيرمکيہ پهلوئن جي مٽ سٽ ئي آهن، جي پراڻي جي جاءِ تي ايندڙ نئين قوت کي پڌرو ڪن ٿيون. تضاد ۾ اڻ برابريءَ جي مختلف حالتن، مکيہ ۽ غيرمکيہ تضادن، ۽ تضاد جي مکيہ ۽ غيرمکيہ پهلوئن جو اپياس ئي هڪ اهڙو اهم طريقو آهي، جنهن رستي ڪا انقلابي سياسي ڌر، سياسي توڙي فوجي معاملي ۾، پنهنجي حڪمت عملي ۽ تدبيري پاليسيون ٺيڪ ٺيڪ متعين ڪندي آهي. ان تي مڙني ڪميونسٽن کي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

★

(5)

# تضاد جي پهلوئن ۾ ڇڪتاڻ ۽ هڪجهڙائي

## (The Identity and Struggle of the Aspects of a Contradiction)

جڏهن اسين تضاد جي آفاقيت يا ڪليت ۽ خصوصيت يا نيارپ سمجهي وجون ٿا تہ اسان ڪي تضاد جي ڌار ڌار پهلوئن جي هڪجهڙائي ۽ ڇڪتاڻ جي مسئلي جي مطالعي طرف وک وڌائڻ گهرجي.

هڪجهڙائي، ايڪائي، ميل يا مطابقت باهمي يا هڪٻئي ۾ دخل، هڪٻئي مان گذر ڪري وڃڻ، هڪٻئي تي آڌار (يا بقا لاءِ هڪٻئي تي آڌار) هڪٻئي سان لاڳاپو، يا باهمي ۽ ٻطرفو سهڪار، اهي سڀ مختلف اصطلاح هڪ ئي معنیٰ ۽ مراد رکن ٿا، ۽ هيٺين ٻن نڪتن ڏانهن اشارو ڪن ٿا: پهريون، تہ ڪنهن شيءِ جي اوسر جي عمل ۾ تضاد جي ٻنهي پهلوئن مان هرهڪ پهلو جو وجود جي ٻئي پهلو جي اڳوات قبوليت يا مڃتا ڏيندو آهي، ۽ ٻئي پهلو هڪ ئي وجود ۾ گڏوگڏ يڪجا رهندا آهن: ٻيو، تہ ڪن ڄاڻايل حالتن ۾ ٻنهي متضاد پهلوئن مان هرهڪ پهلو پاڻ کي پنهنجي ضد ۾ تبديل ڪندو آهي. هڪجهڙائيءَ مان اها ئي مراد ۽ معنیٰ آهي.

لينن چيو آهي:

”جدليات اهڙي سکيا آهي جا ڏيکاري ٿي تہ ضد ڪيئن هڪجهڙا ٿي سگهن ٿا، واقعي هڪجهڙا هوندا آهن (ڪيئن ٿي وڃن ٿا)، ڪهڙين حالتن هيٺ اهي هڪجهڙا آهن، ۽ پاڻ کي هڪٻئي ۾ تبديل ڪن ٿا، ڇا جي ڪري انساني ذهن کي، انهن ضدن کي مئل، بينل ۽ جميل يا جامد ڪري نہ، پر جيئرو، مشروط، چرندڙ پرندڙ، ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي ۾ تبديل ٿيندڙ، سمجهڻ گهرجي.“ [16]

ان عبارت مان ڇا مراد آهي؟

هر عملي طريقي جا متضاد پهلو هڪٻئي کي خارج ڪندا آهن، هڪٻئي سان چڪتاڻ ۾ هوندا آهن، ۽ هڪٻئي جي ضد ۾ هوندا آهن. سڀني شين جي اوسر جي عمل ۾ ۽ سڄي انساني سوچ ۾ اهي متضاد پهلو موجود هوندا آهن، ۽ انهن کان ڪوبہ آجو نہ آهي. هڪ سادي سودي عملي طريقي ۾ ضدن جو رڳو هڪ جوڙو هوندو آهي، جڏهن تہ منجهيل ۽ پيچيدي عملي طريقي ۾ گهڻا ئي ضدن جا جوڙا هوندا آهن، اهي ضدن جا جوڙا وري هڪٻئي سان تضاد ۾ هوندا آهن. معروضي دنيا ۾ سڀ شيون ۽ سڄي انساني سوچ، اهڙي طرح جڙن ٿيون ۽ چرپر يا تحرڪ ۾ اچن ٿيون.

ان جي معنىٰ تہ هڪجهڙائي يا ايڪائي بلڪل آهي ئي ڪانہ! پوءِ هڪ جهڙائي يا ايڪائي جي ڳالھ ڪو ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟

حقيقت اها آهي تہ ڪوبہ متضاد پهلو الڳ ٿلڳ يا اڪيلو وجود نٿو رکي سگهي. پنهنجي ضد واري پهلوءَ ڪان سواءِ، هر پهلو، پنهنجو وجود جو شرط وڃائي ٿو ويهي. ٿورو سوچيو تہ سهي. ڇا ڪنهن بہ شيءِ جو يا انساني ذهن ۾ ڪنهن نظريي جو هڪ متضاد پهلو آزاد نموني يا الڳ سلڳ وجود رکي سگهي ٿو؟ زندگيءَ کان سواءِ موت نہ آهي، موت ڌاران زندگي نہ آهي. اُوچائي ڪان سواءِ هيناهين نہ آهي ۽ هيناهينءَ ڌاران اوچائي نہ آهي. نياڳ ڪان سواءِ سياڳ نہ آهي، سياڳ ڌاران نياڳ نہ آهي. سهوليت ڪان سواءِ ڏکيائي نہ آهي، ڏکيائيءَ ڌاران سهوليت نہ آهي. زميندار ڌاران هاري نہ آهي، هاريءَ ڪان سواءِ زميندار نہ آهي. بورجوا ڪان سواءِ پرولتاري نہ آهي، پرولتاري ڌاران بورجوا نہ آهي. قومن تي سامراجي ڏاڍ ۽ ظلم ڪان سواءِ بينڪون ۽ نيم بينڪون نہ آهن، نيم بينڪن ۽ بينڪن ڌاران قومن تي سامراجي ظلم ۽ جبر نہ آهي. سڀني ضدن جي اها حالت آهي. ڪن خاص حالتن ۾ هڪ طرف تہ اهي ضد هڪٻئي جو ضد هوندا آهن، ۽ ٻئي طرف هڪٻئي سان لاڳاپي ۾، هڪٻئي مان گذر ڪندڙ، هڪٻئي ۾ دخل ڪندڙ ۽ هڪٻئي تي آڌار رکندڙ هوندا آهن. ان ڪردار کي ئي هڪجهڙائي يا ايڪائي چيو وڃي ٿو. ڪن خاص حالتن ۽ وقتن تي متضاد پهلو هڪجهڙائي جهڙو ڪردار ادا نہ ڪندا آهن، ان ڪري ڪين متضاد چيو ويندو آهي. پر اهي هڪجهڙائي ۽ ايڪائيءَ جو ڪردار بہ ادا ڪندا آهن، ان ڪري اهي هڪٻئي تي آڌار يا مدار رکندڙ بہ هوندا آهن. جڏهن لينن چيو تہ جدليات اهو مطالبو ڪري ٿي تہ ”ضد ڪيئن هڪجهڙا، ٿي سگهن ٿا.“ تہ سندس مطلب بہ اهو ئي هو. پوءِ اهي هڪجهڙا ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟

چاڪاڻ تـه هرهـڪ ٻئي جي وجود لاءِ لازمي شرط آهي، هڪجهڙائيءَ مان پهرين معنىٰ ۽ مراد اِها آهي. پر چا رڳو ايترو چوڻ ڪافي آهي تـه متضاد پهلوئن مان هرهـڪ ٻئي جي وجود لاءِ شرط آهي ۽ تـه ٻنهي ۾ هڪجهڙائي آهي، ۽ ان جي نتيجي ۾ اهي هڪ ئي وجود ۾ گڏ رهي سگهن ٿا؟ نہ، اهو ڪافي نـہ آهي. سندن هڪٻئي تي ڀاڙڻ يا آڌار رکڻ تي ئي معاملو ڇيهه نٿو ڪري. ان ڪان بـہ وڌيڪ اهم آهي سندن (ضدن) جو هڪٻئي ۾ تبديل ٿيڻ. مطلب تـه ڪن خاص حالتن ۾ شيءِ جي متضاد پهلوئن مان هرهـڪ پهلو پاڻ کي پنهنجي ضد ۾ تبديل ڪندو آهي، پنهنجي حيثيت مٽائي پنهنجي ضد واري حيثيت اختيار ڪندو آهي. تضاد ۾ هڪجهڙائيءِ يا ايڪي مان ٻي مراد اها آهي.

هتي بہ اها هڪجهڙائي ڇو آهي؟ اوهان ڏسو ٿا تـه انقلاب وسيلي پرولتاري، جو ڪڏهن محڪوم هوندو آهي، حاڪم ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، ۽ بورجوا طبقو، جو ڪڏهن حاڪم هوندو آهي، محڪوم ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، ۽ پنهنجي حيثيت ڦيرائي اها اختيار ڪندو آهي جا اصل ۾ سندس ضد (پرولتاري) جي هئي. اها ڳالهه سوويت يونين ۾ رونما ٿي چڪي آهي، ۽ ساريءَ دنيا ۾ ٿيڻي آهي. جي خاص حاتن ۾ ضدن ۾ باهمي لاڳاپو ۽ هڪجهڙائي نـہ هجي تـہ اهڙي تبديلي جيڪر ڪيئن پيدا ٿئي؟

ڪومنتانگ، جنهن نئين چين جي تاريخ ۾، ڪنهن خاص منزل تي، ڪنهن حد تائين، هاڪاري يا مثبت ڪردار ادا ڪيو، 1927ع کان پوءِ پنهنجي پيدائشي طبقاتي سڀاءَ ۽ سامراجي ڏٽن ۽ اتڪلن (اهي شرط هيا) جي بنياد تي انقلاب دشمن پارٽي بڻجي پئي. پر هينئر چين ۽ جپان درميان تضادن جي تيز ٿـي وڃـڻ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان گڏيل محاذ واري پاليسيءَ (اهي شرط آهن) ڪري اها جپان خلاف روڪ ۽ بچاءَ واري جنگ جوٽڻ لاءِ راضي ٿيڻ تي مجبور ۽ لاچار ٿي آهي. متضاد شيون هڪٻئي ۾ تبديل ٿينديون آهن، ۽ اهو ئي واضح ۽ صاف هڪجهڙائيءَ جو مظهر آهي.

اسان جو زرعي انقلاب عمل جو اهو طريقو آهي جنهن ۾ زميندار طبقو، جو زمين جو مالڪ هيو، اهڙي طبقي ۾ مَٽجي چڪو آهي، جو پنهنجي زمين وڃائي چڪو آهي، ٻئي پاسي، هاري، جو پنهنجي زمين وڃائي وينو هيو، اهڙي ننڍڙي ڪاتيدار يا مالڪ ۾ تبديل ٿي چڪو آهي جنهن زمين ماڻي آهي؛ ۽ اهو عمل جو طريقو هڪ ڀيرو وري بہ ورجائبو. ڪن خاص حالتن ۾ هوند ۽ اڻ هوند، حاصل

۽ لاحاصل باهمي لاڳاپي ۾ هوندا آهن. ٻنهي طرفن ۾ هڪجهڙائي هوندي آهي. سوشلزم هيٺ، هاريءَ جي خانگي يا نجي مالڪي، سوشلسٽ زراعت جي، عوامي مالڪيءَ ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. اها ڪار سوويت يونين ۾ اڳ ئي ٿي چڪي آهي، ۽ اهڙيءَ ريت ٻيو بہ جتي ڪٿي ٿيندي. خانگي ملڪيت کان عوامي ملڪيت تائين نِيَڻ يا پهچائڻ لاءِ هڪ پُل جي ضرورت هوندي آهي، جنهن کي فلسفي ۾ هڪجهڙائي، يا هڪٻئي ۾ تبديل ٿي وڃڻ يا هڪٻئي ۾ پيهي وڃڻ چئبو آهي.

پرولتاري تاناشاهي يا آمريت، يا عوامي تاناشاهي يا آمريت کي پڪو پختو ڪرڻ، دراصل ان تاناشاهيءَ کي ختم ڪرڻ ۽ ان متاهين منزل ڏانهن وڌڻ لاءِ حالتون تيار ڪرڻ آهي، جتي (منزل تي) سڀ رياستي رشتا ختم ٿي وڃن ٿا. ڪميونسٽ پارٽي ٻپا ڪرڻ ۽ ان کي ترقي وٺرائڻ دراصل ڪميونسٽ پارٽي ۽ مڙني سياسي پارٽين کي ختم ڪرڻ لاءِ حالتون تيار ڪرڻ آهي. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ انقلابي فوج کڙي ڪرڻ، انقلابي لڙائي هلائڻ، دراصل جنگ کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ واسطي حالتون تيار ڪرڻ آهي. اهي ساڳي ئي وقت هڪٻئي جي پورائي ڪندڙ ۽ هڪٻئي کي لاڳ ڏيندڙ (Complementary) آهن.

هر ڪنهن کي ڄاڻ آهي تہ جنگ ۽ امن هڪٻئي ۾ تبديل ٿيندا آهن. جنگ امن ۾ تبديل ٿي ويندي آهي؛ جهڙوڪ پهرين مهاياري لڙائي، جنگ کان پوءِ واري صلح ۾ تبديل ٿي ويئي؛ ۽ چين ۾ گهرو لڙائي هينئر بند ٿي ۽ ان جي جاءِ تي اندروني امن اچي ويو آهي. امن جنگ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي؛ جهڙوڪ 1927ع ۾ ڪومنتانگ ـ ڪميونسٽ سهڪار ۽ ساٿ وارو صلح جنگ ۾ تبديل ٿي ويو؛ ۽ اڄ جي عالمي امن واري صورتحال ٻي مهاياري لڙائيءَ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. ائين ڇو آهي؟ ڇاڪاڻ تہ طبقاتي سماج ۾، خاص حالتن ۾، جنگ ۽ امن جهڙيون متضاد شيون هڪجهڙائي رکن ٿيون.

مڙئي متضاد شيون باهمي لاڳاپي ۾ هونديون آهن. نہ رڳو ڪن خاص حالتن ۾ اهي هڪ ئي وجود رکن ٿيون ۽ گڏوگڏ رهن ٿيون، پر ٻين ڪن حالتن ۾ اهي پنهنجو پاڻ کي هڪٻئي ۾ تبديل ڪن ٿيون. اها ئي ضدن جي هڪجهڙائي جي پوري پوري معنيٰ ۽ مراد آهي. لينن جي بحث تہ، "اهي ڪيئن هڪجهڙا ٿين ٿا (ڪيئن ٿين ٿا)، ڪهڙين حالتن هيٺ اهي هڪجهڙا آهن، يا پاڻ کي هڪٻئي ۾ تبديل ڪن ٿا." مان بہ هن جي مراد اها ئي هئي.

ائين چـو آهي تـہ "انساني ذهـن کـي، انهن ضـدن کـي، مئـل ۽ جامد نـہ، پـر جيئرو، مشروط، چرندڙ پرندڙ، ۽ پنهنجو پاڻ کي هڪٻئي ۾ تبديل ڪندڙ سمجهڻ گهرجي؟" چاڪاڻ تـہ معروضـي حقيقت ۾ شيون بلڪـل ائـين ئـي هونـديون آهـن. حقيقت اها آهي تہ معروضي شين ۾ ضدن جي ايڪائي يا هڪجهڙائي مئل يا جامد نہ پر جيئري، مشروط، چرندڙ پرندڙ، عارضي ۽ نسبتي هوندي آهي. ڪن خاص حالتن ۾ هر متضاد پهلو پاڻ کي پنهنجي ضد ۾ تبديل ڪندو آهي. اها حقيقت انساني سوچ ۽ فڪر ۾ ظهور پذير يا پڌري ٿي، مادي جدليات جو مارڪسي عالمي نظريو ٿي پوي ٿو. رڳو ماضي ۽ حال جا حاڪم طبقا ۽ انهن جا ٻولڙيا ۽ چاڪر مابعدالطبعياتي ئي انهن ضدن کي، جيئرو، مشروط، چرندڙ پرندڙ ۽ پنهنجو پاڻ ۾ تبديل ٿيندڙ نہ، پر مئل ۽ جامد سمجهندا آهن، ۽ عوام کي ڀنيلائڻ خاطر هر جاءِ تي ان دوکي جو پرچار ڪندا رهندا آهن، ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي حاڪميت کي جاري ساري ۽ دائم قائم رکڻ جا جتن ڪندا آهن. ڪميونسٽن جو اهو فرض آهي تہ هو رجعت پسندن ۽ مابعدالطبعياتن جي انهن دوکن ۽ دولابن کي اگهاڙو ڪن، شين ۾ پيدائشي جدليات جو پرچار ڪن، ان طرح شين جي هڪٻئي ۾ تبديل ٿيڻ جي چاڻ کي تيز ڪن، ۽ انقلاب جو ماڳ ماڻين.

خاص حالتن ۾ ضدن جي هڪجهڙائيءَ جي ڳالهہ ڪرڻ مان مراد آهي، حقيقي سچا پچا ۽ نـوس ضد ۽ ضدن جي هڪٻئي ۾ حقيقي ۽ نـوس (Concrete) تبديلي. اسان کي پنهنجي ديومالائن (ڏند ڪٿائن يا لوڪ ڪهاڻين) ۾ بہ اهڙيون بيشمار تبديليون ملن ٿيون. جهڙوڪ: ڪُوافو جي ڊوڙ جو قصو "شان هوئي چنگ" ڪتاب ۾ [17]، "هوائي نان زو" ۾ يِي جو نوَن سِجن کي نشانو بڻائي ڪيرائڻ [18]، "سي يُو چي" ۾ باندر بادشاهہ جي 72 دفعا ڪاياپلٽ ٿيڻ [19]، لياؤ چائي جي عجيب قصن ۾ [20] ڀوتن ۽ لومڙين جي انساني شڪل اختيار ڪرڻ جا بي شمار داستان وغيره وغيره. پر ضدن جون اهي قصن ڪهاڻين واريون تبديليون اهڙيون نـوس تبديليون نـہ آهن، جي نـوس تـضادن جـو عڪـس ڇڏينـديون هجـن. اهـي تـہ ٻـاليون ڀوليـون، تصوراتي، ۽ موضوعي طور اهڙيون خيالي تبديليون آهن، جي بيشمار حقيقي ۽ منجهيـل ضـدن جي هڪٻئي ۾ تـبديلين جي بنيـاد تـي انساني ذهـن کـي منديِ يـا مـسحور ڪـري ويـون. مـارڪس چيـو آهـي، "سـچي ڏنـدڪٿا يـا ديومـالا (Mythology) تـصور ۾ تـصور رسـتي فطـري قـوتن کـي وس رکـي ٿـي ۽ انهـن تـي مـالڪي يـا حاڪمي هلائي ٿي ۽ انهن کي شڪل يا روپ ڏئي ٿي؛ ان ڪـري جيـئن ئـي مـاڻهو

فطرت جي قوتن کي وس ڪري ٿو، ته ڏندڪٿا پنهنجي وجود ۾ افاديت کان پالهي ٿي وڃي ٿي.“ [21] ڏندڪٿا (ٻارن جي آکاڻين ۾ پڻ) تبديلين جا بيشمار قصا عوام کي خوشي ۽ مسرت بخشيندا آهن، ڇاڪاڻ ته انهن خيالي پلائن رستي انسان جي فطري قوتن تي سوڀ جي تصويرڪشي ڪئي وئي هوندي آهي، ۽ مارڪس چواڻي بهترين ڏندڪٿا ۾ ”دائمي دلڪشي“ هوندي آهي. پر ڏندڪٿائن جي جوڙ يا تخليق، خاص حالتن هيٺ موجود نوس تضادن سان نه ڪئي ويندي آهي، ان ڪري اهي حقيقت جو سائنسي عڪس يا نقش نه هونديون آهن يعني ڏندڪٿائن ۾ ٻاراڻين آکاڻين ۾ تضاد جي جوڙ يا تشڪيل ڪندڙ پهلوئن جي هڪجهڙائي رڳو تصوراتي هوندي آهي، نه ڪي نوس هڪجهڙائي. حقيقي تبديلين ۾ هڪجهڙائيءَ جي سائنسي عڪاسي يا جهلڪ جو نالو ئي مارڪسي جدليات آهي.

ڇاجي ڪري هڪ بيدو ئي چوزي ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو، ۽ پٿر نه؟ ڇاجي ڪري جنگ ۽ امن ۾ ته هڪجهڙائي آهي، پر جنگ ۽ پٿر ۾ نه؟ ڇاجي ڪري انسان رڳو انسان کي ئي جنم ڏئي ٿو پر ڪنهن ٻيءَ شيءِ کي نه؟ ان جو رڳو سبب اهو آهي ته ضدن جي هڪجهڙائي رڳو ضروري خاص حالتن ۾ وجود رکي ٿي. انهن خاص ضروري حالتن ڌاران ڪنهن به قسم جي هڪجهڙائي نٿي ٿي سگهي.

ائين چو آهي ته روس ۾ 1917ع واري فيبروري ـ جمهوري انقلاب سڌيءَ طرح پرولتاري سوشلسٽ آڪٽوبر انقلاب سان لاڳاپي ۾ هيو، جڏهن ته فرانس ۾ بورجوا انقلاب جو سوشلسٽ انقلاب سان سڌيءَ طرح ڪوبه لاڳاپو نه هيو ۽ 1871ع ۾ پئرس ڪميون نيٺ ناڪام وئي؟ ٻئي پاسي ائين چو آهي ته منگوليا ۽ وچ ايشيا جي خانه بدوش سرشتي جو سڌيءَ طرح سوشلزم سان لاڳاپو رهيو آهي؟ ائين چو آهي ته چيني انقلاب، اولهه وارن ملڪن جي پراڻي تاريخي رستي تي هلڻ کان سواءِ، بورجوا تاناشاهي يا ڊڪٽيٽرشپ جي دور مان گذرڻ ڌاران، سرمائيداراڻي مستقبل کان بچي سگهي ٿو، ۽ سوشلزم سان سڌيءَ طرح لاڳاپي ۾ اچي سگهي ٿو؟ ان جو اڪيلو ڪارڻ وقت جون نوس حالتون آهن. جڏهن ڪي ضروري حالتون موجود ٿين ٿيون، ته شيءِ جي اوسر جي عمل جي طريقي ۾ ڪي تضاد اپرن ٿا، ان کان سواءِ انهن ۾ موجود ضد هڪٻئي تي مدار رکن ٿا ۽ پاڙين ٿا، ۽ هڪٻئي ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا، نه ته جيڪر انهن مان ڪجهه به ٿيڻ ممڪن نه ٿئي ها.

اهو ئي هڪجهڙائيءَ جو مسئلو آهي. ته پوءِ ڇڪتاڻ يا جدوجهد ڇا آهي؟ ۽ هڪجهڙائي ۽ ڇڪتاڻ جو پاڻ ۾ ڪهڙو ناتو يا سنٻنڌ آهي؟

لينن چيو آهي:

”ضدن جي ايڪائي يا وحدت (مطابقت، هڪجهڙائي ۽ برابري وارو عمل) مشروط، عارضي، وچ وقتي يعني عبوري ۽ نسبتي هوندي آهي. باهمي ڏار ڏار يا الڳ ضدن جي چڪتاڻ ڪلي يا خودمختيار هوندي آهي، ائين جيئن اوسر ۽ چرپر ڪلي، آزاد مطلق هوندا آهن.“ [22]

ان عبارت جو مطلب ڇا آهي؟

سيني عمل جي طريقن ڪي منڍ ۽ هوندو آهي ته پڇاڙي ۽. سڀ عملي طريقا پنهنجو پاڻ ڪي هڪٻئي جي ضد ۾ تبديل ڪن ٿا. سيني عملي طريقن جي ثابت قدمي ۽ لاڳيتو تسلسل نسبتي هوندا آهن. پر هڪ عمل جي ٻئي عمل ۾ تبديل ٿيڻ سبب پڌري ٿيندڙ مٽ سٽ ڪلي ۽ مطلق هوندي آهي.

سيني شين ۾ چرپر جون ٻه حالتون يا صورتون ٿين ٿيون، هڪ نسبتي آرام جي ٻي پڌري پٽ تبديليءَ جي هوندي آهي. انهن ٻنهي جو ڪارڻ شيءِ ۾ موجود ٻن متضاد عنصرن جي وچ واري چڪتاڻ هوندو آهي. جڏهن ڪا شيءِ چرپر جي پهرين حالت يا صورت ۾ هوندي آهي ته اها رڳو مقداري (Quantitative) تبديليءَ هيٺ هوندي آهي نه ڪي صفتي (Qualitative) تبديليءَ هيٺ، ان ڪري ٻاهرينءَ طرح آرام ۾ ڏيکاربي آهي. جڏهن ڪا شيءِ چرپر جي ٻيءَ حالت ۾ ايندي آهي ته پهرين حالت واري مقداري تبديلي چوٽ ڪي رسي چڪي هوندي آهي، ۽ شيءِ جي تحليل يا نيستيءَ ڪي هڪ وجود جي حيثيت ۾ نروار ڪندي آهي، اهڙي ريت صفتي تبديلي شروع ٿئي ٿي، ۽ ان ڪري هڪ پڌري ۽ ظاهر ظهور تبديلي نگاهجڻ ۾ اچي ٿي. اهڙي وحدت، سالميت، ميل ميلاپ، هڪ هڪائي، توازن، ناپر، ماٺ، آرام، ثابت قدمي، هم وزني، نهرائي ۽ ڪشش وغيره، جي اسان روزمره جي زندگيءَ ۾ ڏسون ٿا، سڀ شين جي مقداري تبديليءَ جي حالت ڪي ظاهر ڪن ٿا. ان جي ابتڙ وحدت جي تحليل يا نيستي، يعني، سالميت، ميل ميلاپ، هڪ هڪائي، توازن، ناپر، ماٺ، آرام، ثابت قدمي، هم وزني، نهرائي ۽ ڪشش جي تباهي يا مِٽجڻ، ۽ انهن مان هرهڪ جو پنهنجي ضد ۾ تبديل ٿي وڃڻ، انهن شين جي صفتي تبديليءَ جي حالت، يعني هڪ عمل جي طريقي جو ٻئي عمل جي طريقي ۾ تبديل ٿيڻ ڪي ظاهر ڪري ٿو. شيون پاڻ ڪي لڳاتار يا مسلسل چرپر جي هڪ حالت مان ٻيءَ حالت ۾ تبديل ڪنديون رهن ٿيون. ضدن جي چڪتاڻ ٻنهي حالتن ۾ هلندي رهي ٿي، پر تضاد جو حل ٻيءَ حالت يا صورت ۾ ٿئي ٿو. اهو ئي سبب

آهي جو اسين چئون ٿا تہ ضدن جي هڪجهڙائي مشروط، عارضي ۽ نسبتي آهي، جڏهن تہ باهمي ڏار يا الڳ ضدن جي چڪتاڻ خودمختيار، ڪلي ۽ مطلق آهي.

مٿي جڏهن اسان چيوسين پئي تہ بہ مختلف شيون هڪ ٻئي وجود ۾ گڏ رهي سگهن ٿيون ۽ پنهنجو پاڻ کي هڪٻئي ۾ تبديل ڪري سگهن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ هڪجهڙائي آهي، تہ اسان شرط جي ڳالهہ پئي ڪئي، يعني تہ، ڪن خاص حالتن ۾ ڪي بہ متضاد شيون گڏجي سگهن ٿيون، ۽ پاڻ کي هڪٻئي ۾ تبديل ڪري سگهن ٿيون، پر انهن حالتن جي غيرموجودگيءَ ۾ اهي شيون تضاد جي تشڪيل نٿيون ڪري سگهن، ساڳي وجود ۾ رهي نٿيون سگهن، ۽ پاڻ کي هڪٻئي ۾ تبديل نٿيون ڪري سگهن. ڇاڪاڻ تہ ضدن جي هڪجهڙائي رڳو ڪن خاص حالتن ۾ ملي ٿي. ان ڪري اسين چئون ٿا تہ هڪجهڙائي مشروط ۽ نسبتي آهي. اسان وڌيڪ اهو بہ چئي سگهون ٿا تہ ضدن جي چڪتاڻ عمل جي طريقي ۾ منڍ کان آخر تائين جاري ساري ۽ عمل ۾ رهي ٿي، ۽ هڪ طريقي کي ٻئي طريقي ۾ تبديل ٿيڻ جي قابل بڻائي ٿي، تہ اها هر جا حاظر ناظر هوندي آهي ۽ تہ ان ڪري اها (چڪتاڻ) غيرمشروط، ڪلي ۽ مطلق هوندي آهي.

مشروط ۽ نسبتي هڪجهڙائي، غيرمشروط ۽ ڪلي يا مطلق چڪتاڻ جي ميلاپ ئي سيني شين ۾ ضدن جي چرپر کي جنم ڏئي ٿو.

اسان چيني اڪثر چوندا آهيون، ”هڪٻئي جي مخالفت ڪندڙ شيون هڪٻئي جي پورائي يا تڪميل بہ ڪنديون آهن“ [23]. ان جو مطلب اهو آهي تہ هڪٻئي جي مخالف شين ۾ هڪجهڙائي آهي. اها چوٽي جدلياتي آهي ۽ مابعدالطبعيات جي ابتڙ. ”هڪٻئي جي مخالفت ڪن ٿيون،“ جو مطلب آهي ٻن متضاد پهلوئن جي هڪٻئي سان چڪتاڻ يا باهمي اوپرائپ. ”هڪٻئي جي پورائي يا تڪميل ڪن ٿيون،“ معنیٰ ڪن خاص حالتن هيٺ بہ متضاد پهلو گڏجي هڪجهڙائي ماڻين ٿا. تاهم هڪجهڙائيءَ ۾ پيدائشي يا بنيادي طور چڪتاڻ هوندي آهي، ۽ چڪتاڻ ڌاران هڪجهڙائي ٿي ئي نٿي سگهي.

هڪجهڙائيءَ ۾ چڪتاڻ هوندي آهي، خصوصيت يا نيارپ ۾ آفاقيت يا ڪليت هوندي آهي، انفراديت ۾ عموميت هوندي آهي. لينن جي لفظن ۾ . . . . ”نسبتيءَ ۾ ڪلي يا مطلق آهي.“ [24]

★

# (6)

# تضاد ۾ وروڌ يا خصومت جو مقام

## (The Place of Antagonism in Contradiction)

ضدن جي ڇڪتاڻ جي سوال ۾ اهو سوال بہ اچي ٿو وڃي تہ وروڌ يا خصومت ڇا آهي. ان لاءِ اسان جو جواب آهي تہ وروڌ ضدن جي ڇڪتاڻ جي هڪ صورت يا شڪل آهي، پر اڪيلي ۽ واحد صورت نہ.

انسان جي تاريخ ۾ طبقن جي وچ ۾ وروڌ يا خصومت ضدن جي ڇڪتاڻ جي پڌري يا نروار ٿيڻ جي حيثيت ۾ پئي موجود رهي آهي. پرماري يا استحصال ڪندڙ طبقي ۽ پرماريل يا استحصال ٿيندڙ طبقي جي وچ ۾ تضاد ڪي ئي ڪٽي ڏسو. اهڙا متضاد طبقا هڪ سماج ۾ ڊگهي عرصي تائين گڏ موجود رهن ٿا، پوءِ ڪٽي اهو ٻانهپ وارو سماج هجي، جاگيرداري سماج هجي، يا سرمائيداري سماج، ۽ اهي هڪٻئي سان ڇڪتاڻ ۾ رهن ٿا. پر اهو تضاد تيستائين ڪلي وروڌ يا مخاصمت جي شڪل اختيار نٿو ڪري ۽ انقلاب جو روپ نٿو ڌاري، جيستائين ٻنهي طبقن جي وچ وارو اهو تضاد وڌي هڪ خاص منزل يا ڏاڪي تي نٿو پهچي. اها ئي ڳالهہ طبقاتي سماج اندر امن جي جنگ ۾ تبديل ٿيڻ سان بہ لاڳو ٿئي ٿي. ڦاٽڻ يا ڌماڪي ڪرڻ کان اڳ، بم هڪ وجود هوندو آهي، جنهن ۾ ڪن خاص حالتن هيٺ ضد گڏ سمايل هوندا آهن. ڌماڪو تڏهن تو ٿئي جڏهن هڪ نئين حالت يا شرط پيدا ٿو ٿئي، يعني چڻنگ يا باهہ. لڳ ڀڳ اهڙي صورتحال انهن مڙني فطري لقائن ۾ بہ پيدا ٿئي ٿي، جا اڳتي هلي نيٺ، پراڻن تضادن کي حل ڪرڻ ۽ نين شين پيدا ڪرڻ لاءِ، ڪلي ٽڪر يا تضاد جو روپ وٺي ٿو.

ان حقيقت کي پروڙڻ ۽ پرجهڻ تمام ضروري آهي. اها حقيقت اسان کي اهو سمجهڻ جي قابل ٿي بڻائي تہ طبقاتي سماج ۾ انقلاب ۽ انقلابي لڙايون اڻ ٽر آهن، ۽ ان کان سواءِ سماجي اوسر جي ميدان ۾ ڪابہ ڇلانگ (Leap) لڳائڻ ۽

رجعت پسند حاڪمن جو تختو اونڌو ڪرڻ اڻ ٽيٽي آهي، جنهن ڪري عوام لاءِ سياسي اقتدار ڪٺڻ يا حاصل ڪرڻ ناممڪن ٿي پوي. ڪميونسٽن کي رجعت پسندن جي نڳيءَ جي ناهن جهڙي ان پرچار کي ننگو ۽ نروار ڪرڻ گهرجي: جهڙوڪ سندن (رجعت پسندن) جي اها دعوىٰ تہ سماجي انقلاب غيرضروري ۽ اڻ ٽيٽي شيءِ آهي. هنن کي سماجي انقلاب جي مارڪسي ـ ليننی نظريي کي پڪيءَ طرح جهٽيو رهڻ گهرجي، ۽ عوام کي ان سمجهڻ جي اهل بنائڻ گهرجي تہ سماجي انقلاب نہ رڳو قطعاً ضروري آهي پر قطعي عمل جوڳو پڻ، تہ انسان ذات جي سموري تاريخ ۽ سوويت يونين جي سوڀ ان سائنسي سچ جي ساک ڀري رهيون آهن.

ان هوندي بہ اسان کي ضدن جي هر خاص چڪتاڻ جي حالتن جو نوس اڀياس ڪرڻ گهرجي، ۽ مٿي بيان ڪيل فارمولو يا عمل جي ترڪيب هر شيءِ سان چڙواڳ نموني لاڳو نہ ڪرڻ ڪپي. تضاد ۽ چڪتاڻ آفاقي ۽ مطلق هوندا آهن، پر تضادن حل ڪرڻ جا طريقا، يعني چڪتاڻ جو صورتون يا شڪليون، تضادن جي سڀائن ۽ قسمن پٺاندر، ڌار ڌار هونديون آهن. ڪن تضادن جي خاصيت کليو يا ظاهر وروڌ ۽ مخاصمت واري هوندي آهي، ٻين جي وري اها خاصيت نہ هوندي آهي. شين جي نوس اوسر يا واڌ جي لحاظ سان ڪي تضاد، جي اصل ۾ اڻ وروڌي يا غيرمخاصمت وارا هوندا آهن، اُن اوسر دوران وروڌي ۽ مخاصمانہ ٿي پوندا آهن. جڏهن تہ ڪي تضاد، جي اصل ۾ وروڌي ۽ مخاصمت وارا هوندا آهن، اُسري ۽ وڌي اڻ وروڌي ۽ غيرمخاصمانہ ٿي پوندا آهن.

جيئن اڳئي چئي آيا آهيون، جيستائين طبقا موجود آهن، تيستائين ڪميونسٽ پارٽيءَ اندر صحيح ۽ غلط خيالن جي وچ ۾ تضاد، پارٽيءَ اندر طبقاتي تضادن جي اولڙي طور پيا اپرندا آهن. ڪن اختلافي نڪتن تي، پهرينديءَ، اهڙا تضاد شايد پنهنجو پاڻ کي وروڌي يا مخاصمانہ ڪري پڌرو نہ ڪن، پر طبقاتي جدوجهد جي اوسر سان اهي وڌي وروڌي ٿي سگهن ٿا. سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ لينن ۽ اسٽالن جي صحيح سوچ، ۽ ٽراٽسڪي ۽ بخارن وغيره جي فريبي ۽ دولابي دليلن درميان تضادن پهرين سر پاڻ کي وروڌي روپ ۾ پڌرو نہ ڪيو، پر پوءِ اڳتي هلي اُهي وڌي وروڌي ٿي پيا. اهڙا ئي واقعا ۽ مثال چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ بہ ملن ٿا. اسان جي پارٽيءَ جي ڪيترن ئي ڪامريڊن جي صحيح سوچ، ۽ چين توشيو ۽ چانگ ڪوتاؤ ۽ ٻين جي

فريبي فڪر درميان تضاد پهرين سر مخاصمانہ صورت ۾ ظاهر نہ ٿيا هئا، پر پوءِ اڳتي هلي اسري ۽ وڏي وروڌي ٿي پيا. هالو دور ۾ اسان جي پارٽيءَ ۾ صحيح ۽ غيرصحيح سوچ ۾ تضاد پاڻ کي وروڌي روپ ۾ پڌرو نٿو ڪري، ۽ جيڪڏهن اهي ڪامريڊ، جن غلطيون ڪيون آهن، پنهنجي غلطين کي درست ڪري سگهن ته، اهو (تضاد) مخاصمانہ صورت ۾ نہ نروار ٿيندو. ان ڪري پارٽيءَ کي گهرجي تہ هڪ طرف غلط سوچ خلاف سنجيده نموني جدوجهد هلايو اچي، ۽ ٻئي طرف انهن ڪامريڊن کي هوش ۽ عقل ماڻڻ لاءِ پورو پورو موقعو ڏئي جن غلطيون ڪيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ وس ۽ وت کان وڌيڪ جدوجهد ڪرڻ غيرمناسب ٿئي آهي. پر جيڪڏهن اهي ماڻهو، جن غلطيون ڪيون آهن، پنهنجي غلطين تي هوڏ ڪري بيهن ۽ جيڪو سو انهن کي وڌائين، تہ ان حالت ۾ امڪان آهي تہ، اهو تضاد وڏي ۽ اسري وروڌي روپ ۾ نروار ٿئي.

اقتصادي لحاظ سان شهر ۽ ٻهراڙيءَ ۾ تضاد انتهائي مخاصماڻو ۽ وروڌي آهي. تضاد جي اها حالت اسان کي ٻنهي جاين تي ملي ٿي. سرمائيداري سماج ۾ بہ، جتي بورجوا حاڪميءَ هيٺ شهر ٻهراڙيءَ کي بيدرديءَ سان ڦرين ۽ لٽين ٿا، تہ چين ۾ ڪومنتانگ جي قبضي هيٺ آيل علائقن ۾ بہ، جتي ڌاريو سامراج ۽ چين جي چاڙتي بورجوا حاڪميءَ هيٺ شهر ٻهراڙيءَ جي پرماريت ڪري رهيا آهن. پر سوشلسٽ ملڪ ۽ اسان جي انقلابي اڏن وارن علائقن ۾ اهو تضاد وروڌيءَ مان مٽجي اڻ وروڌي ٿي پيو آهي، ۽ جڏهن ڪميونسٽ سماج ٺهيو تہ اهو ختم ٿي ويندو.

لينن چيو آهي: ”مخاصمت ۽ تضاد هڪ شيءِ هرگز نہ آهي. سوشلزم هيٺ پهريون ختم ٿي ويندو، پر ٻيو رهندو.“ [25] ان جو مطلب تہ وروڌ يا مخاصمت ضدن جي ڇڪتاڻ جو هڪڙو روپ آهي، پر رڳو ۽ اڪيلو روپ نہ: وروڌ جي فارمولي يا ترڪيب کي جتي ڪٿي، بنا سوچي سمجهي، هوترائپ سان لاڳو نہ ڪرڻ گهرجي.

★

# نتيجي طور

## (Conclusion)

هاڻي اچو تہ سڄيءَ ڳالھ کي ٿوري ۾ ورجايون. شين ۾ تضاد جو قانون، يعني، ضدن جي ايڪائي جو قانون، فطرت ۽ سماج جو بنيادي قانون آهي، ۽ ان ڪري سوچ ۾ فڪر جو بنيادي قانون پڻ. اهو مابعدالطبعياتي عالمي نظريي جي برعڪس ۾ ابتڙ آهي. اهو انسان جي علم ۽ ڄاڻ جي تاريخ ۾ عظيم انقلاب جي نمائندگي ٿو ڪري. جدلياتيماديت پٽاندر تضاد، معروضي وجود رکندڙ شين ۽ موضوعي سوچ جي سڀني عملي طريقن ۾، موجود رهي ٿو، ۽ انهن ۾ شروع کان آخر تائين دخل انداز ۽ جاري ساري رهي ٿو. اها تضاد جي آفاقيت يا ڪليت ۽ مطلقيت يا خودمختياري آهي. هر تضاد ۽ ان جي هر پهلوءَ کي پنهنجي پنهنجي خاصيت آهي، اها تضاد جي خصوصيت يا نيارپ ۽ نسبتي خاصيت آهي. ڪن خاص حالتن ۾ ضدن ۾ هڪجهڙائي ٿئي ٿي، ۽ نتيجي ۾ اهي هڪ ئي وجود ۾ گڏ رهي سگهن ٿا، پنهنجو پاڻ کي هڪٻئي ۾ تبديل ڪري سگهن ٿا؛ اها پڻ تضاد جي خصوصيت يا نيارپ ۽ نسبتي ناتو آهي. پر ضدن جي ڇڪتاڻ اڻ کٽ آهي. اها ان وقت بہ موجود هوندي آهي جڏهن ضد گڏ هڪجا وجود رکندا آهن، ۽ تڏهن بہ جڏهن هو هڪٻئي ۾ تبديل پيا ٿيندا آهن، ۽ ان مهل خاص ڪري (ڇڪتاڻ) نروار ٿيندي آهي، جنهن وقت ضد هڪٻئي ۾ تبديل پيا ٿيندا آهن. اها بہ تضاد جي آفاقيت ۽ مطلقيت آهي. تضاد جي خصوصيت ۽ نسبت جي اڀياس ويل اسان کي مکيہ تضاد ۽ غيرمکيہ تضاد جي وچ ۾ فرق ڪرڻ طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي، ۽ تضاد جي مکيہ پهلو ۽ غيرمکيہ پهلو جي وچ ۾ فرق طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. تضاد ۾ آفاقيت ۽ تضاد ۾ ضدن جي ڇڪتاڻ جي مطالعي مهل اسان کي ڇڪتاڻ جي ڌار ڌار روپن ۽ صورتن جي وچ ۾ فرق طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. ٻيءَ صورت ۾ اسان غلطيون ۽ ڀُلون ڪري ويهنداسين. جي اسان اڀياس رستي انهن اهم شين کي پرکي ۽ پرجهي وياسين، جن جو اسان مٿي اپٽار ڪري آيا آهيون، تہ اسان انهن عقيدي پرستيءَ

وارن خيالن جي پاڙ پٽي سگهنداسين، جي مارڪسزم ـ لیننزم جي بنيادي اصولن جي ابتڙ آهن، ۽ اسان جي انقلابي مقصدن لاءِ هاجيڪار آهن؛ ۽ اسان جا عملي تجربو رکندڙ ڪامريڊ، پنهنجي تجربي کي اصولن جي صورت ۾ منظم ڪري سگهندا ۽ تجربي پسنديءَ وارين ڀُلن کي ڪين ورجائيندا. اسان جو تضاد جي قانون جو مطالعو ڪيو آهي، ان جا اهي ئي چند سادا سودا نتيجا نڪرن ٿا.

# حوالا ۽ اشارا

## References

[1] وي. آءِ. لينن، ”هيگل جي تصنيف: فلسفي جي تاريخ تي ليڪچر، تي مضمون جو خاڪو“. گڏيل لکيتون، روسي ڇاپو، ماسڪو، 1958ع، جلد 38، صفحو 249.

[2] لينن پنهنجي مضمون ”جدليات جي سوال تي“ ۾ چيو آهي، ”هڪ سالم سڄي ساري وجود جو ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجڻ ۽ ان جي متضاد ڀاڱن جي ڄاڻ يا سڃاڻ ئي (ڏسو: لاسال جي هيراڪليٽس تي ڪتاب جي ڀاڱي 3 ’سڃاڻ بابت‘ جي منڍ ۾ هيراڪليٽس بابت فلو جو هڪ قول) جدليات جو تت يا جوهر (جي مکيہ نہ تہ مکيہ مان هڪ، ٻن لازم مان هڪ ضروري، شڪل يا خاصيت) آهي.“ (گڏيل لکيتون، روسي ڇاپو 1958ع، جلد 38، صفحو 357) ”هيگل جي: منطق جي سائنس، تي مضمون جي خاڪي“ ۾ هو چوي ٿو ”ٿوري ۾ جدليات کي ضدن جي ايڪائي جو نظريو چئي سگهي ٿو. ان ۾ ئي جدليات جو ست يا جوهر آهي، پر ان کي وڌيڪ چٽي ڪرڻ ۽ ترقي وٺرائڻ جي ضرورت آهي“ (الخ . . . . صفحو 215).

[3] وي. آءِ. لينن: ”جدليات جي سوال تي“ گڏيل لکيتون، روسي ڇاپو، ماسڪو 1957ع، جلد 38، صفحو 358.

[4] هان گهراڻي دوران ڪنفيوشينزم جي مشهور ترجمان تَنگ چَنگ شُو جي هڪ چوٽي.

[5] فريڊرڪ اينگلس: ”جدليات، مقدار ۽ وصف“: ائنٽي ڊيوهرنگ، انگريزي ڇاپو، ماسڪو 1959ع، صفحو 166.

[6] وي. آءِ. لينن: ”جدليات جي سوال تي“ گڏيل لکيتون، روسي ڇاپو، ماسڪو 1958ع، جلد 38، صفحو 58 ـ 357.

[7] فريڊرڪ اينگلس: مٿيون حوالو 66 ـ 167.

[8] وي. آءِ. لينن: ”جدليات جي سوال تي“ گڏيل لکيتون، روسي ڇاپو، ماسڪو 1958ع، صفحو 357.

[9] الخ . . . . صفحو: 59 ـ 358.

[10] ڏسو وي. آءِ. لينن جو ”ڪميونزم“، جنهن ۾ لينن هنگري جي ڪميونسٽ بيلاڪن تي تنقيد ڪندي چوي ٿو تہ هو ”مارڪسزم ۾ نهايت ئي ضروري شيءِ کي وساري ٿو ڇڏي، جو مارڪسزم جو اصل روح آهي، يعني، ٺوس حالتن جو ٺوس تجزيو.“ (ڳڏيل لکيتون، روسي ڇاپو، ماسڪو 1958ع، جلد 31، صفحو 143).

[11] سن وو زو يا سن زو 5 صدي قبل مسيح جو مشهور چيني جنگي ماهر هيو، جنهن ”جنگ جو فن“ نالي هڪ ڪتاب جنگ جي موضوع تي 13 بابن تي مشتمل لکيو. هيءَ چوٽي يا قول ان ڪتاب جي باب 3، ”حملي جي حڪمت عملي“ مان آهي.

[12] وي چينگ (58 ـ 643) تانگ گهراڻي جو هڪ مدبر ۽ مورخ.

[13] شُئي هُو چُوان (ڍيٽن جا هيرو) 14 صدي عيسوي جو مشهور چيني ناول، جنهن ۾ اتراڌي سنگ گهراڻي جي پوين ڏينهن ۾ هڪ هارين جي جنگ جو ذڪر ملي ٿو. چُو ڳوٺ، هارين جي جنگي اڏي ليانگ شانپو جي پرپاسي ۾ هيو، جتي سنگ چيانگ، ناول جي هيرو ۽ هاري بغاوت جي اڳواڻ پنهنجو اڏو قائم ڪيو هو. چُو چاؤ فينگ، ڳوٺ جو وڏيرو، هڪ ظالم زميندار هو.

[14] وي. آءِ. لينن: ”ٽريڊ يونين، موجوده صورتحال، ۽ ٽراٽسڪي ۽ بخارن جي غلطين بابت هڪ دفعو وري بيان“ چونڊ لکيتون، انگريزي ڇاپو. انٽرنيشنل پبلشرس، نيويارڪ 1943ع، جلد 9، صفحو 66.

[15] وي. آءِ. لينن: ”نيٺ ڇا ڪجي؟“ ڳڏيل لکيتون، انگريزي ڇاپو، ماسڪو 1961ع، جلد 5، صفحو 369.

[16] وي. آءِ. لينن: ”هيگل جي منطق جي سائنس تي مضمون جو خاڪو“ ڳڏيل لکيتون، روسي ڇاپو، ماسڪو 1958ع، جلد 38، صفحو 98 ـ 97.

[17] شان هائي چينگ (جبلن ۽ سمنڊن جو ڪتاب) 403 ـ 221 ق.م جي دور ۾ لکيو ويو. ان جي هڪ ڪهاڻيءَ جو ڪردار ڪُواضو هيو جنهن سج جو پيڇو ڪيو ۽ ان ڪان اڳ ڪڍيو. پر هو اڃ وگهي مري ويو ۽ سندس لٺ ٽينگ جي ٻيلي ۾ تبديل ٿي وئي.

[18] ڀِي قديم چين جو هڪ افسانوي هيرو آهي، جو تيراندازي ڪري مشهور هيو. 2 صدي قبل مسيح ۾ لکيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب "هُوائي نان زُو" جي هڪ آکاڻيءَ پٽاندر شهنشاهه ياؤ جي زماني ۾ آسمان ۾ ڏهه سج هيا. ساڙيندڙ سجن کان انسان ۽ نباتات کي بچائڻ لاءِ شهنشاهه ڀِي کي انهن سجن ڪيرائڻ جو حڪم ڏنو، جنهن تيرن جا نشان وٺي اهي سج ڪيرايا ۽ مصيبت ٽاري. وانگ يي (ٻي صدي عيسوي) جي لکيل هڪ آکاڻي موجب تيرانداز ڏهن مان نوَ سج ڪيرايا هيا.

[19] سِي يُو چِي (اولهه جي ياترا) 16 صديءَ جو ناول آهي، جنهن جو هيرو باندر ديوتا سَن وُوکَنگ آهي، جو پنهنجي خواهش مطابق پاڻ کي 72 شڪلين ۾ تبديل ڪري سگهندو هو. جهڙوڪ: پکي، وڻ ۽ پٿر وغيره.

[20] لياؤ چائي جون آکاڻيون: پُوسَنگ لينگ، 17 صديءَ ۾ لکيون، جنهن ۾ گهٽو ڪري ڀوتن ۽ روحن بابت 431 ڪهاڻيون آهن.

[21] ڪارل مارڪس: "سياسي اقتصاديات تي تنقيد جو مهاڳ" انگريزي ڇاپو، شڪاگو 1904ع، صفحو 11 ـ 310.

[22] ڏسو ساڳيو اشارو 6، صفحو 358.

[23] اها چوٽي ڀهريون ڀيرو، ڀهرين صدي عيسوي جي مشهور مورخ، پان ڪُو جي "آڳاٽي هاؤ گهراڻي جي تاريخ" ۾ آئي، ۽ اڄ عالم عام تي وئي آهي.

[24] ساڳيو: ڏسو مٿيون حوالو 22.

[25] وي. آءِ. لينن: "بخارن جي، عبوري دور جي اقتصاديات، تي رايا" چونڊ لکيتون، روسي ڇاپو، ماسڪو ـ لينن گرادِ 1931ع، جلد 11، صفحو 357.

★

ٽيڪسٽ اِنٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami